## سورت المؤمنون ـ مکي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

### رکوع 1

**مؤمنن جون خصلتون، انسانن جي پيدائش. ڪائنات ۽ انسانن جي لاءِ ربوبيت جون نعمتون.**

قَدۡ اَفۡلَحَ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ ۙ﴿۱﴾

(١) بيشڪ ايمان وارا ڪامياب ۽ سعادت وارا ٿي ويندا.

الَّذِيۡنَ هُمۡ فِيۡ صَلَاتِهِمۡ خٰشِعُوۡنَ ۙ﴿۲﴾

(٢) (اهي مؤمن ڪامياب رهندا) جيڪي پنهنجي نمازن ۾ نماڻا ۽ نيازمند آهن.

وَالَّذِيۡنَ هُمۡ عَنِ اللَّغۡوِ مُعۡرِضُوۡنَ ۙ﴿۳﴾

(٣) ۽ جيڪي نڪمين ۽ واهيات ڳالهين کان رخ ڦيرائي ڇڏين ٿا.

وَالَّذِيۡنَ هُمۡ لِلزَّكٰوةِ فٰعِلُوۡنَ ۙ﴿۴﴾

(٤) ۽ جيڪي زڪوات ادا ڪرڻ ۾ سرگرم آهن.

وَالَّذِيۡنَ هُمۡ لِفُرُوۡجِهِمۡ حٰفِظُوۡنَ ۙ﴿۵﴾

(٥) ۽ جيڪي پنهنجي ستر رکڻ ۾ ڪڏهن به غافل نٿا ٿين.

اِلَّا عَلٰٓى اَزۡوَاجِهِمۡ اَوۡ مَا مَلَـكَتۡ اَيۡمَانُهُمۡ فَاِنَّهُمۡ غَيۡرُ مَلُوۡمِيۡنَ ۚ﴿۶﴾

(٦) پر هو پنهنجي نڪاح ۾ آيل زالن سان همبستريءَ جو تعلق رکن ٿا يا انهن سان جيڪي سندن ملڪيت ۾ اچي ويون آهن، (يعني غلام عورتون يا ٻانهيون) بيشڪ انهن سان همبستر ٿيڻ ۾ ڪو به گناهه مٿن ڪونهي.

فَمَنِ ابۡتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡعٰدُوۡنَ ۚ﴿۷﴾

(٧) پوءِ جيڪڏهن ڪو ماڻهو (هن معاملي ۾) ان کان علاوه ڪا ٻي صورت (شهوت پرستيءَ جي) ڳولي ڪيندو ته پوءِ اهڙي صورت ڳولي ڪيڻ وارا ئي آهن، جيڪي حدن کان ٻاهر نڪري ٿا وڃن ۽ ليڪو لنگهي ٿا بيهن.

وَالَّذِيۡنَ هُمۡ لِاَمٰنٰتِهِمۡ وَعَهۡدِهِمۡ رٰعُوۡنَ ۙ﴿۸﴾

(٨) ۽ جيڪي پنهنجي امانتن ۽ عهدن (۽ واعدن) پاڙڻ ۾ بلڪل ايماندار رهن ٿا (اها آهي مؤمنن جي پنجين وصف).

وَالَّذِيۡنَ هُمۡ عَلٰى صَلَوٰتِهِمۡ يُحَافِظُوۡنَ ۘ﴿۹﴾

(٩) ۽ جيڪي پنهنجي نمازن جي حفاظت ۾ ڪڏهن به قصور نٿا ڪن.

اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡوٰرِثُوۡنَ ۙ﴿۱۰﴾

(١٠) يقيناً اهڙائي ماڻهو وارث ٿيندا.

الَّذِيۡنَ يَرِثُوۡنَ الۡفِرۡدَوۡسَ ؕ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۱۱﴾

(١١) ۽ ڪين فردوس جي زندگي ميراث ۾ ملندي ۽ هميشه ان ۾ رهندا.

وَلَقَدۡ خَلَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ مِنۡ سُلٰلَةٍ مِّنۡ طِيۡنٍ ۚ﴿۱۲﴾

(١٢) ۽ (ڏسو) هي حقيقت آهي ته اسان انسان کي مٽيءَ جي سَتَ (خمير تيل گاري) مان پيدا ڪيو. (يعني ڀهريائين ڀهريائين انسان مٽيءَ مان پيدا ڪيوسين.).

ثُمَّ جَعَلۡنٰهُ نُطۡفَةً فِىۡ قَرَارٍ مَّكِيۡنٍ ۖ﴿۱۳﴾

(١٣) پوءِ ان کي نطفو (يعني منيءَ جو ڦڙو) بنايوسين، هڪ اهڙيءَ جاءِ ۾ جتي قرار وٺي ۽ ڄمي بيهي.

ثُمَّ خَلَقْنَا النُّطْفَةَ عَلَقَةً فَخَلَقْنَا الْعَلَقَةَ
مُضْغَةً فَخَلَقْنَا الْمُضْغَةَ عِظٰمًا فَكَسَوْنَا
الْعِظٰمَ لَحْمًا ثُمَّ اَنْشَاْنٰهُ خَلْقًا اٰخَرَ
فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ اَحْسَنُ الْخٰلِقِيْنَ ﴿١٤﴾

(١٤) پوءِ نطفي کي اسان علقہ بنايو. پوءِ علقہ کي هڪ گوشت جي ٽڪري جھڙو ڪري ڇڏيوسين، پوءِ ان ۾ هڏين جو پڃرو پيدا ڪيوسين ۽ پوءِ ڏسو تہ ڪھڙيءَ طرح ان کي بلڪل ٻيءَ طرح جي مخلوق بنائي ظاهر ڪيوسين. سو ڪھڙو نہ برڪتن وارو الله آهي جو سڀني کان بهتر پيدا ڪرڻ وارو آهي.

ثُمَّ اِنَّكُمْ بَعْدَ ذٰلِكَ لَمَيِّتُوْنَ ﴿١٥﴾

(١٥) وري (ڏسو) انهيءَ پيدائش کان پوءِ سڀني کي ضرور مرڻو آهي.

ثُمَّ اِنَّكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ تُبْعَثُوْنَ ﴿١٦﴾

(١٦) ۽ وري (مرڻ بعد) قيامت جي ڏينهن اوهان کي ضرور (زنده ڪري) اٿاريو ويندو.

وَ لَقَدْ خَلَقْنَا فَوْقَكُمْ سَبْعَ طَرَآئِقَ وَمَا كُنَّا
عَنِ الْخَلْقِ غٰفِلِيْنَ ﴿١٧﴾

(١٧) ۽ (ڏسو) اسان اوهان جي مٿان (سيارن جي گردش جا) ست رستا بنائي ڇڏيا آهن ۽ اسان (پنهنجي) مخلوق بابت ڪڏهن بہ غافل نہ آهيون.

وَ اَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً بِقَدَرٍ فَاَسْكَنّٰهُ فِي
الْاَرْضِ وَ اِنَّا عَلٰى ذَهَابٍ بِهٖ لَقٰدِرُوْنَ ﴿١٨﴾

(١٨) ۽ اسان هڪ خاص اندازي سان آسمان مان پاڻي ٿا وسايون، ان کي (ضرورت موافق) زمين ۾ رهايون ٿا ۽ بيشڪ اسان کي اها قدرت آهي تہ ان (پاڻيءَ) کي (جهڙيءَ طرح وسائي زمين تي آندوسين تهڙيءَ طرح ان کي) ڪڍي وڃون.

فَاَنْشَاْنَا لَكُمْ بِهٖ جَنّٰتٍ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّ اَعْنَابٍ
لَكُمْ فِيْهَا فَوَاكِهُ كَثِيْرَةٌ وَّ مِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿١٩﴾

(١٩) وري انهيءَ ئي پاڻيءَ (جي ريج) سان توهان جي لاءِ کجورن ۽ انگورن جا باغ پوکيون ٿا. انهن باغن ۾ توهان جي لاءِ گھڻائي ميوا پيدا ٿين ٿا، ۽ انهن مان کي اوهان کائو ٿا.

وَ شَجَرَةً تَخْرُجُ مِنْ طُوْرِ سَيْنَآءَ تَنْۢبُتُ
بِالدُّهْنِ وَ صِبْغٍ لِّلْاٰكِلِيْنَ ﴿٢٠﴾

(٢٠) ۽ اهو وڻ (بہ پيدا ٿئي ٿو) جو طور سينا ۾ ٿيندو آهي، (يعني زيتون جو وڻ) ۽ جو تيل يا سڻڀ پيدا ڪري ٿو، جنهن سان کائڻ وارن لاءِ سنو ڀوڙ تيار ٿئي ٿو.

وَ اِنَّ لَكُمْ فِي الْاَنْعَامِ لَعِبْرَةً نُسْقِيْكُمْ
مِّمَّا فِيْ بُطُوْنِهَا وَ لَكُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ كَثِيْرَةٌ
وَّ مِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿٢١﴾

(٢١) ۽ (ڏسو) توهان جي لاءِ چوپاين جانورن (جي خلقت) ۾ بہ وڏي عبرت آهي. جيڪي هنن جي پيٽ ۾ آهي (يعني گاهہ وغيره جو اتي ڳري ٿو) تنهن مان توهان جي لاءِ پيئڻ جي (مزيدار) شيءِ (يعني کير) پيدا ڪوين ٿا ۽ اوهان جي لاءِ انهن ۾ ٻيا بہ طرحين طرحين جا فائدا رکيل آهن، انهن مان ڪن جو گوشت اوهان کائو ٿا.

وَ عَلَيْهَا وَ عَلَى الْفُلْكِ تُحْمَلُوْنَ ﴿٢٢﴾

(٢٢) ۽ توهان (خشڪيءَ ۾) انهن تي سواري ڪيو ٿا ۽ (سمنڊ ۾) جهازن تي بہ سوار ٿيو ٿا.

## رڪوع 2

### حضرت نوح جو ذڪر ۽ پوين پيغمبرن جي تعليم

وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَقَالَ يٰقَوْمِ

(٢٣) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان نوح کي سندس قوم جي طرف (هدايت

اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٢٣﴾

لاءِ) موڪليو هو. هن ڪين چيو هو ته، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! الله جي ٻانهپ ڪيو. ڪانئس سواءِ اوهان جو ڪوبه معبود ڪونهي. پوءِ ڇا توهان (بدعملن جي نتيجن ڪان) نٿا ڊڄو؟

فَقَالَ الْمَلَؤُا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ مَا هٰذَآ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۙ يُرِيْدُ اَنْ يَّتَفَضَّلَ عَلَيْكُمْ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَاَنْزَلَ مَلٰٓئِكَةً ۖۚ مَّا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِيْٓ اٰبَآئِنَا الْاَوَّلِيْنَ ﴿٢٤﴾

(٢٤) سندس قوم جي جن سردارن ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي هئي تن اهو ٻڌي (ماڻهن کي) چيو ته، هيءُ ماڻهو (حضرت نوح) سواءِ هن جي ٻيو ڇا آهي ته توهان جهڙو هڪ ماڻهو آهي. هو چاهي ٿو ته توهان کي ڏيکاري ته مان اوهان کان وڌو ۽ افضل آهيان. جيڪڏهن الله تعاليٰ (کو پيغمبر موڪلڻ) چاهي ها ته ڪنهن فرشتي کي نه موڪلي ها؟ (هو اسان جهڙي هڪڙي ماڻهوءَ کي ڇو پيغمبر ڪري موڪلي ها) اسان پنهنجي اڳوڻن وڏن کان ته ڪابه اهڙي ڳالهه ڪڏهن به ڪانه ٻڌي.

اِنْ هُوَ اِلَّا رَجُلٌۢ بِهٖ جِنَّةٌ فَتَرَبَّصُوْا بِهٖ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٢٥﴾

(٢٥) هو ڪجهه به ناهي سواءِ هن جي ته هو هڪ انسان آهي، جو متوالو ٿي پيو آهي. تنهن ڪري (سندس ڳالهين تي ڪن نه ڏيو) ڪجهه ڏينهن انتظار ڪيو (۽ ڏسو سندس پڇاڙي ڪهڙي ٿي ٿئي).

قَالَ رَبِّ انْصُرْنِيْ بِمَا كَذَّبُوْنِ ﴿٢٦﴾

(٢٦) تنهن تي حضرت نوح دعا گهري ته اي منهنجا رب! هنن ماڻهن مونکي ڪوڙو سمجهي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. سو هاڻي تون منهنجي مدد ڪر.

فَاَوْحَيْنَآ اِلَيْهِ اَنِ اصْنَعِ الْفُلْكَ بِاَعْيُنِنَا وَوَحْيِنَا فَاِذَا جَآءَ اَمْرُنَا وَفَارَ التَّنُّوْرُ ۙ فَاسْلُكْ فِيْهَا مِنْ كُلٍّ زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ وَاَهْلَكَ اِلَّا مَنْ سَبَقَ عَلَيْهِ الْقَوْلُ مِنْهُمْ ۚ وَلَا تُخَاطِبْنِيْ فِي الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۚ اِنَّهُمْ مُّغْرَقُوْنَ ﴿٢٧﴾

(٢٧) پوءِ اسان نوح ڏي وحي موڪليو ته اسان جي نظرداريءَ هيٺ ۽ اسان جي وحي موجب هڪ ٻيڙي ناهه. پوءِ جڏهن اسان جي حڪم جو وقت اچي وڃي ۽ تنور جا شعلا ڀڙڪي اٿن (يعني انڪار ڪندڙن تي عذاب جو وقت اچي وڃي) تڏهن تون هرهڪ جانورن جا ٻه ٻه جوڙا ٻيڙيءَ ۾ پاڻ سان ڪڻجانءِ ۽ پنهنجي گهر وارن کي به. پر گهر جي اهڙن ماڻهن کي نه ڪڻندين جن جي لاءِ (ٻڏڻ جو) فيصلو اڳي ئي ٿي چڪو آهي. جن ماڻهن ظلم ڪيو آهي تن جي لاءِ اسان وٽ ڪوبه عرض ۽ التجا نه ڪجانءِ. اهي ضرور غرق ٿيندا.

فَاِذَا اسْتَوَيْتَ اَنْتَ وَمَنْ مَّعَكَ عَلَى الْفُلْكِ فَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ نَجّٰىنَا مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٨﴾

(٢٨) ۽ جڏهن تون پنهنجي ساٿين سان ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿئين تڏهن تنهنجي زبان تي هي ڪلمون جاري هجي ته سڀ ساراهون الله جي لاءِ آهن جنهن اسان کي ظالم قوم کان نجات ڏني.

وَقُلْ رَّبِّ اَنْزِلْنِيْ مُنْزَلًا مُّبٰرَكًا وَّاَنْتَ خَيْرُ الْمُنْزِلِيْنَ ﴿٢٩﴾

(٢٩) ۽ پڻ هي دعا به گهرجانءِ ته، اي منهنجا رب! مون کي (ٻيڙيءَ مان) زمين تي اهڙيءَ طرح لاهجانءِ جو برڪت جو لهڻ هجي، ۽ تون ئي سڀني کان بهتر جاءِ ڏيڻ وارو آهي.

اِنَّ فِیۡ ذٰلِکَ لَاٰیٰتٍ وَّ اِنۡ کُنَّا لَمُبۡتَلِیۡنَ ﴿۳۰﴾

(٣٠) بيشڪ هن واقعي ۾ (سمجھ وارن لاءِ) وڏيون نشانيون آهن، ۽ پڻ هي (حڪمت رکيل آهي) ته هتي ضرور ائين ٿئي ٿو ته اسان ماڻهن کي آزمائش ۾ وجهون.

ثُمَّ اَنۡشَاۡنَا مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ قَرۡنًا اٰخَرِیۡنَ ﴿۳۱﴾ۚ

(٣١) پوءِ اسان نوح جي قوم بعد قومن جو هڪ ٻيو دور پيدا ڪيو.

فَاَرۡسَلۡنَا فِیۡهِمۡ رَسُوۡلًا مِّنۡهُمۡ اَنِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ مَا لَکُمۡ مِّنۡ اِلٰهٍ غَیۡرُهٗ ؕ اَفَلَا تَتَّقُوۡنَ ﴿۳۲﴾٪

(٣٢) انهن ڏي به اسان پنهنجو رسول موڪليو جيڪو خود انهن مان ئي هو. (انهيءَ جي تعليم به اهائي هئي ته) فقط الله جي ٻانهپ ڪيو. ڪائنات سواءِ اوهان جو ٻيو ڪو به معبود ڪونهي. ڇا توهان (انڪار ۽ فساد جي بڇڙن نتيجن کان) ڊڄو ئي نٿا؟

## رڪوع 3

**حضرت نوح کان پوءِ ۽ حضرت موسیٰ کان اڳي جيڪي نبي گذريا تن جو ذڪر.**

وَ قَالَ الۡمَلَاُ مِنۡ قَوۡمِهِ الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡا وَ کَذَّبُوۡا بِلِقَآءِ الۡاٰخِرَةِ وَ اَتۡرَفۡنٰهُمۡ فِی الۡحَیٰوةِ الدُّنۡیَا ۙ مَا هٰذَاۤ اِلَّا بَشَرٌ مِّثۡلُکُمۡ ۙ یَاۡکُلُ مِمَّا تَاۡکُلُوۡنَ مِنۡهُ وَ یَشۡرَبُ مِمَّا تَشۡرَبُوۡنَ ﴿۳۳﴾ۙ

(٣٣) سندس قوم جي جن سردارن ڪفر جي واٽ ورتي هئي ۽ آخرت جي پيش اچڻ جا منڪر هئا ۽ جن کي اسان دنيا جي زندگيءَ ۾ آسودگي ڏني هئي سي (ماڻهن کي) چوڻ لڳا ته هي (حضرت هود) ته ڪجھ به ناهي سواءِ هن جي ته اوهان جھڙو ماڻھو آهي. جيڪي توهان ٿا کائو سوئي هو به ٿو کائي ۽ جيڪي توهان پيئو ٿا سو ئي هو به پيئي ٿو.

وَ لَئِنۡ اَطَعۡتُمۡ بَشَرًا مِّثۡلَکُمۡ اِنَّکُمۡ اِذًا لَّخٰسِرُوۡنَ ﴿۳۴﴾ۙ

(٣٤) جيڪڏهن توهان پاڻ جھڙي هڪڙي ماڻهوءَ جي فرمانبرداري ڪندؤ ته پوءِ يقين ڄاڻو ته تباهه ٿي ويندؤ.

اَیَعِدُکُمۡ اَنَّکُمۡ اِذَا مِتُّمۡ وَ کُنۡتُمۡ تُرَابًا وَّ عِظَامًا اَنَّکُمۡ مُّخۡرَجُوۡنَ ﴿۳۵﴾ۙ

(٣٥) هو چوي ڇا ٿو؟ هو توهان کي اهو (اجايو) واعدو ٿو ٻڌائي ته جڏهن مرڻ بعد مٽي ۽ هڏين جو چورو ٿي ويندؤ تڏهن وري توهان کي موت کان ٻاهر (جيئرو ڪري) ڪڍيو ويندو.

هَیۡهَاتَ هَیۡهَاتَ لِمَا تُوۡعَدُوۡنَ ﴿۳۶﴾ۙ

(٣٦) ڪھڙي نه اڻ ٽيڻ جھڙي ڳالھ آهي! جنهن جو اوهان کي واعدو ڏنو وڃي ٿو. (ڀلا ڀيهر جيئرو ڪيئن ٿي سگھبو!)

اِنۡ هِیَ اِلَّا حَیَاتُنَا الدُّنۡیَا نَمُوۡتُ وَ نَحۡیَا وَ مَا نَحۡنُ بِمَبۡعُوۡثِیۡنَ ﴿۳۷﴾ۙ

(٣٧) زندگي ته بس اهائي آهي جا دنيا ۾ اسان پوري ڪيون ٿا. هتي ئي مرون ٿا ۽ هتي ئي جيئڻو آهي. ائين ڪڏهن به ٿيڻو ناهي ته مري پوءِ وري جيئرا ٿي اٿون.

اِنۡ هُوَ اِلَّا رَجُلُ ۨافۡتَرٰی عَلَی اللّٰهِ کَذِبًا وَّ مَا نَحۡنُ لَهٗ بِمُؤۡمِنِیۡنَ ﴿۳۸﴾

(٣٨) ڪجھ ناهي. هي ماڻھو ڪوڙا ناهه ناهيندڙ آهي، جنهن الله تي ڪٽي ڪوڙ مڙهيو آهي. (ته الله هيئن ٿو فرمائي هوئنئن ٿو فرمائي) اسان ته ڪڏهن به هن تي ايمان ڪونه آڻينداسين.

قَالَ رَبِّ انۡصُرۡنِیۡ بِمَا کَذَّبُوۡنِ ﴿۳۹﴾

(٣٩) (تنهن تي انهيءَ رسول حضرت هود) دعا گھري ته اي منهنجا رب! هنن ماڻهن مون کي ڪوڙو ٺهرايو آهي، پوءِ تون منهنجي مدد ڪر.

| | |
|---|---|
| قَالَ عَمَّا قَلِيْلٍ لَّيُصْبِحُنَّ نٰدِمِيْنَ ﴿٤٠﴾ | (٤٠) (الله جو) حڪم آيو ته جلد (هيئن ٿيندو جو) هي ماڻهو پنهنجي ڪيل عملن متعلق پشيمان ۽ شرمسار ٿيندا. |
| فَاَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ بِالْحَقِّ فَجَعَلْنٰهُمْ غُثَآءً ۚ فَبُعْدًا لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤١﴾ | (٤١) پوءِ (ٿيو به ائين جو) في الحقيقت هڪ هيبتناڪ آواز اچي متن ڪڙڪيو، ۽ اسان هنن کي پائمال ڪري ڪکن پنن جهڙو ڪري ڇڏيو. سو محرومي ۽ بربادي هجي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ظلم ڪندڙ هجن! |
| ثُمَّ اَنْشَاْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ قُرُوْنًا اٰخَرِيْنَ ﴿٤٢﴾ | (٤٢) پوءِ انهن بعد اسان قومن جا ٻيا گهڻا دور پيدا ڪيا. |
| مَا تَسْبِقُ مِنْ اُمَّةٍ اَجَلَهَا وَمَا يَسْتَاْخِرُوْنَ ﴿٤٣﴾ | (٤٣) ڪابه قوم پنهنجي مقرر وقت کان نڪي اڳتي وڌي سگهي ٿي، نڪي پٺتي رهي سگهي ٿي. (سڀني کي الاهي قانون موجب پنهنجو دور پورو ڪرڻو آهي.) |
| ثُمَّ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا تَتْرَا ۭ كُلَّمَا جَآءَ اُمَّةً رَّسُوْلُهَا كَذَّبُوْهُ فَاَتْبَعْنَا بَعْضَهُمْ بَعْضًا وَّجَعَلْنٰهُمْ اَحَادِيْثَ ۚ فَبُعْدًا لِّقَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٤٤﴾ | (٤٤) پوءِ اسان هڪبئي پٺيان لڳاتار پنهنجا رسول موڪليا، پر جڏهن به ڪنهن قوم ۾ سندن رسول ظاهر ٿيو تڏهن هڪدم اهي ماڻهو انڪار (۽ ڪوڙو ٺهرائڻ) تي ڪمر ڪشي بيهي رهيا. تنهن ڪري اسان به ڪين هڪ ٻئي پٺيان تباهه ڪندا رهياسين، ۽ هنن جون بستيون (روايت جو) افسانو بنجي ويون. سو انهن جي لاءِ محرومي ۽ نامرادي هجي جيڪي حق جي آيتن تي ايمان نٿا رکن. |
| ثُمَّ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى وَاَخَاهُ هٰرُوْنَ ۙ بِاٰيٰتِنَا وَسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٤٥﴾ | (٤٥) پوءِ اسان موسيٰ کي ۽ سندس ڀاءُ هارون کي پنهنجون نشانيون ۽ چٽا دليل ڏنا. |
| اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ فَاسْتَكْبَرُوْا وَكَانُوْا قَوْمًا عَالِيْنَ ﴿٤٦﴾ | (٤٦) ۽ ڪين فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن موڪليو. پر هنن تڪبر ڪيو. اهو هٺيلن سرڪشن جو ٽولو هو. |
| فَقَالُوْٓا اَنُؤْمِنُ لِبَشَرَيْنِ مِثْلِنَا وَقَوْمُهُمَا لَنَا عٰبِدُوْنَ ﴿٤٧﴾ | (٤٧) هو (پاڻ ۾) چوڻ لڳا ته، ڇا اسان پاڻ جهڙن ٻن ماڻهن تي ايمان آڻيون. حالانڪ هنن جي قوم (يعني بني اسرائيل) اسان جي اڳيان جهڪيل آهن ۽ هو اسان جا ٻانها آهن. |
| فَكَذَّبُوْهُمَا فَكَانُوْا مِنَ الْمُهْلَكِيْنَ ﴿٤٨﴾ | (٤٨) پوءِ هنن موسيٰ ۽ هارون کي ڪوڙو ٺهرائي ڪين مڃڻ کان انڪار ڪيو. نتيجو هي نڪتو جو تباهه ٿيڻ وارن منجهان ٿيا. |
| وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ لَعَلَّهُمْ يَهْتَدُوْنَ ﴿٤٩﴾ | (٤٩) ۽ هيءَ به حقيقت آهي ته اسان (انهيءَ واقعي بعد) موسيٰ کي الڪتاب (يعني تورات) ڏنو هو، انهيءَ لاءِ ته ماڻهو هدايت وٺن. |
| وَجَعَلْنَا ابْنَ مَرْيَمَ وَاُمَّهٗٓ اٰيَةً وَّاٰوَيْنٰهُمَآ اِلٰى رَبْوَةٍ ذَاتِ قَرَارٍ وَّمَعِيْنٍ ﴿٥٠﴾ | (٥٠) ۽ (اهڙيءَ طرح) ابن مريم (يعني حضرت عيسيٰ) ۽ سندس والده کي اسان (پنهنجي سچائيءَ جي) هڪ وڏي نشاني بنايو. ۽ انهن کي هڪ اوچي مٿاهين جاءِ ۾ پناهه ڏني جا رهڻ جي لائق، سرسبز ۽ آباد هئي. |

## رکوع 4

### نبين جي تعليم. انڪار ڪندڙن جي ذهنيت ۽ نتيجا، مومنن جي ذهنيت ۽ نتيجا

يٰٓاَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوْا مِنَ الطَّيِّبٰتِ وَاعْمَلُوْا صَالِحًا ۭ اِنِّىْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ۝٥١

(٥١) اي پيغمبر! پاڪ شيون کائو ۽ چڱا عمل ڪيو. توهان جيڪي بہ ڪيو ٿا سو مون کان ڳجهو ناهي.

وَاِنَّ هٰذِهٖٓ اُمَّتُكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّاَنَا رَبُّكُمْ فَاتَّقُوْنِ ۝٥٢

(٥٢) ۽ بيشڪ هي اوهان جي امت هڪ ئي امت آهي، ۽ اوهان سڀني جو پروردگار مان ئي آهيان. پوءِ (انڪار ۽ بدعمليءَ جي نتيجن کان) ڊڄو.

فَتَقَطَّعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ زُبُرًا ۭ كُلُّ حِزْبٍۢ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ ۝٥٣

(٥٣) پر (فسوس) ماڻهو هڪٻئي کان ڇڄي جدا جدا ٿي ويا ۽ پنهنجا جدا جدا فرقا ناهيائون. هاڻي جيڪي جنهن جي پلوَ ۾ آهي سو انهيءَ ۾ مگن ۽ خوش آهي.

فَذَرْهُمْ فِيْ غَمْرَتِهِمْ حَتّٰى حِيْنٍ ۝٥٤

(٥٤) پوءِ (اي پيغمبر!) تون هنن (منڪرن) کي سندن غفلت، جاهليت ۽ بدمستيءَ ۾ رهڻ ڏي، هڪ مقرر وقت تائين (اهي ماڻهو انهيءَ حالت ۾ رهندا، پوءِ فيصلو ٿيندو جيئن هميشہ ٿيندو رهيو آهي.)

اَيَحْسَبُوْنَ اَنَّمَا نُمِدُّهُمْ بِهٖ مِنْ مَّالٍ وَّبَنِيْنَ ۝٥٥ۙ

(٥٥) هي ماڻهو هيئن ٿا سمجهن ڇا؟ تہ اسان ڪين مال ۽ اولاد (جي گهڻائيءَ) سان سندن امداد ڪري رهيا آهيون تہ،

نُسَارِعُ لَهُمْ فِي الْخَيْرٰتِ ۭ بَلْ لَّا يَشْعُرُوْنَ ۝٥٦

(٥٦) هنن لاءِ چڱايون ۽ نعمتون ڪرڻ ۾ سرگرم رهون؟ بلڪل نہ! (حقيقت بلڪل ٻيءَ طرح آهي پر) هنن کي ان جي سمجهہ ڪانهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ هُمْ مِّنْ خَشْيَةِ رَبِّهِمْ مُّشْفِقُوْنَ ۝٥٧ۙ

(٥٧) (پر) جيڪي ماڻهو پنهنجي پروردگار جي خوف ۾ ڊڄندا رهن ٿا.

وَالَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ يُؤْمِنُوْنَ ۝٥٨ۙ

(٥٨) ۽ جيڪي پنهنجي پروردگار جي نشانين تي ايمان آڻين ٿا.

وَالَّذِيْنَ هُمْ بِرَبِّهِمْ لَا يُشْرِكُوْنَ ۝٥٩ۙ

(٥٩) ۽ جيڪي پنهنجي پروردگار سان ڪنهن کي بہ شرڪ نٿا ڪن.

وَالَّذِيْنَ يُؤْتُوْنَ مَآ اٰتَوْا وَّقُلُوْبُهُمْ وَجِلَةٌ اَنَّهُمْ اِلٰى رَبِّهِمْ رٰجِعُوْنَ ۝٦٠ۙ

(٦٠) ۽ جيڪي (خدا جي راهہ ۾) جيڪي ڏيئي سگهن ٿا سو وڏيءَ دل سان ڏين ٿا، ۽ (تنهن هوندي بہ) سندن دليون ڏڪنديون رهن ٿيون. (هن خيال کان) تہ نيٺ پنهنجي پروردگار جي حضور ۾ موٽڻو آهي. (متان اتي شرمسار ٿيڻو پوي.)

اُولٰۗىِٕكَ يُسٰرِعُوْنَ فِي الْخَيْرٰتِ وَهُمْ لَهَا سٰبِقُوْنَ ۝٦١

(٦١) اهي ئي آهن جيڪي چڱن ڪمن ڪرڻ ۾ تيز آهن. ۽ اهي ئي آهن جي (هن راهہ ۾) سڀني کان اڳي نڪري وڃڻ وارا آهن.

وَلَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا وَلَدَيْنَا كِتٰبٌ يَّنْطِقُ بِالْحَقِّ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ۝٦٢

(٦٢) ۽ اسان ڪنهن بہ جان تي تڪليف يا بوجهہ يا ذميواري نٿا وجهون، پر فقط اوتري جيتري جي هن ۾ طاقت آهي. اسان وٽ (هنن سڀني جي حالت ۽ طاقت بابت) لکيل ڪتاب آهي جو سچي حقيقت ٻڌائي ٿو. ڪنهن سان بہ بي انصافي هرگز ڪانہ ٿيندي.

بَلْ قُلُوْبُهُمْ فِيْ غَمْرَةٍ مِّنْ هٰذَا وَ لَهُمْ اَعْمَالٌ مِّنْ دُوْنِ ذٰلِكَ هُمْ لَهَا عٰمِلُوْنَ ﴿٦٣﴾

(٦٣) پر (اصل ڳالھ هيءَ آهي تہ) هنن (منڪر) ماڻهن جو دليون هن حقيقت (جي سمجهڻ) کان غفلت ۽ بدمستيءَ ۾ پئجي ويون آهن. هنن جا ٻيا بہ (گهٽائي بڇڙا) عمل آهن جي هو هميشہ ڪندا رهن ٿا.

حَتّٰۤى اِذَاۤ اَخَذْنَا مُتْرَفِيْهِمْ بِالْعَذَابِ اِذَا هُمْ يَجْـَٔرُوْنَ ﴿٦٤﴾

(٦٤) (هو اهي بدعمل ڪندا رهندا) جيستائين (نتجين ظاهر ٿيڻ واري گهڙي اچي وڃي). ان وقت اسان انهن جي شاهوڪار ماڻهن کي عذاب جي پڪڙ ڪنداسين، پوءِ اوچتو ئي ڏسندؤ تہ (سرڪشي ۽ هٺ وڏائيءَ بدران) آه و زاري ڪرڻ لڳندا.

لَا تَجْـَٔرُوا الْيَوْمَ اِنَّكُمْ مِّنَّا لَا تُنْصَرُوْنَ ﴿٦٥﴾

(٦٥) هاڻي آه ۽ زاري نہ ڪيو (ان مان ڪهڙو فائدو؟) اوهان کي هاڻي اسان وٽان ڪابہ مدد ڪانہ ملندي.

قَدْ كَانَتْ اٰيٰتِيْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَكُنْتُمْ عَلٰۤى اَعْقَابِكُمْ تَنْكِصُوْنَ ﴿٦٦﴾

(٦٦) ڪنهن وقت اسان جون آيتون توهان جي اڳيان پڙهيون وينديون هيون، پر توهان پٺئين پير ڀڄڻ لڳندا هئو.

مُسْتَكْبِرِيْنَ بِهٖ سٰمِرًا تَهْجُرُوْنَ ﴿٦٧﴾

(٦٧) توهان ۾ انهن (جي ٻڌڻ) کان هٺ وڏائي پيدا ٿي ويندي هئي. توهان پنهنجي مجلسن جي ڳالهين ۾ انهن آيتن کي هڪڙو شغل بنائي انهن متعلق بيهودي بڪواس ڪندا هئو.

اَفَلَمْ يَدَّبَّرُوا الْقَوْلَ اَمْ جَآءَهُمْ مَّا لَمْ يَاْتِ اٰبَآءَهُمُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٦٨﴾

(٦٨) پوءِ ڇا هو هن ڳالھ تي (يعني قرآن مجيد تي) غور بہ نٿا ڪن؟ يا هنن جي اڳيان ڪا اهڙي نئين عجيب ڳالھ آئي آهي ڇا جا ڪانئن اڳي سندن وڏن ڏي ڪانہ آئي هئي؟

اَمْ لَمْ يَعْرِفُوْا رَسُوْلَهُمْ فَهُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ ﴿٦٩﴾

(٦٩) يا هي ماڻهو پهنجي رسول کي سڃاڻي نہ سگهيا ڇا جنهن ڪري منڪر ٿي ويا؟

اَمْ يَقُوْلُوْنَ بِهٖ جِنَّةٌ بَلْ جَآءَهُمْ بِالْحَقِّ وَ اَكْثَرُهُمْ لِلْحَقِّ كٰرِهُوْنَ ﴿٧٠﴾

(٧٠) يا اهي ماڻهو هيئن ٿا چون ڇا تہ هن کي چريائي اچي ويئي آهي (۽ ديوانو ٿي پيو آهي؟) نہ، بلڪل نہ. (انهن مان ڪابہ ڳالھ ٿي نٿي سگهي) الله تعاليٰ جو رسول انهن ڏي حق سان آيو آهي. پر هنن مان گهڻن جو حال اهڙو ٿي ويو آهي، جو سچائيءَ جو ميڻ هنن کي وڻي ئي نٿو.

وَ لَوِ اتَّبَعَ الْحَقُّ اَهْوَآءَهُمْ لَفَسَدَتِ السَّمٰوٰتُ وَ الْاَرْضُ وَ مَنْ فِيْهِنَّ بَلْ اَتَيْنٰهُمْ بِذِكْرِهِمْ فَهُمْ عَنْ ذِكْرِهِمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٧١﴾

(٧١) پر جيڪڏهن سچائي هنن جي خواهشن جي پيروي ڪري ها تہ پوءِ آسمان ۽ زمين ۽ اهي سڀ جي انهن ۾ آهن هڪدم بگڙجي درهم برهم ٿي وڃن ها. اسان تہ هنن جي لاءِ سندن نصيحت (۽ چڱائي) جي ڳالھ ڪين ٻڌائي آهي، پر هنن پنهنجي نصيحت جي ڳالھ کان منهن ڦيرائي ڇڏيو آهي.

اَمْ تَسْـَٔلُهُمْ خَرْجًا فَخَرَاجُ رَبِّكَ خَيْرٌ وَّ هُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿٧٢﴾

(٧٢) (اي پيغمبر!) هو هيئن ٿا سمجهن ڇا تہ تون ڪانئن مال ۽ دولت ٿو گهرين؟ تنهنجي لاءِ تہ تنهنجي پروردگار جو ڏنل مال ئي بهتر آهي (تون ڪيئن زر جو طالب ٿيندين) اهو پروردگار ئي سڀني کان بهتر روزي ڏيندڙ آهي.

وَ إِنَّكَ لَتَدْعُوهُمْ إِلَىٰ صِرَاطٍ مُّسْتَقِيمٍ ﴿٧٣﴾

(٧٣) هن ۾ شڪ ئي ڪونهي تہ تون يقيناً هنن کي (ڪاميابي ۽ سعادت جي) سڌي واٽ ڏانهن سڏي رهيو آهي.

وَ إِنَّ الَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِالْآخِرَةِ عَنِ الصِّرَاطِ لَنَاكِبُونَ ﴿٧٤﴾

(٧٤) ۽ جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نٿا رکن سي يقيناً رستو ڀلجي گمراهہ ٿي ويا آهن.

وَ لَوْ رَحِمْنَاهُمْ وَ كَشَفْنَا مَا بِهِم مِّن ضُرٍّ لَّلَجُّوا فِي طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُونَ ﴿٧٥﴾

(٧٥) ۽ جيڪڏهن اسان انهن تي (وڌيڪ) رحم ڪيون ۽ جيڪي ڏک هنن کي پهچندا رهن ٿا تن کي دور ڪري ڇڏيون تہ (هو شڪرگذار رهندا ڇا؟ نہ) هو پنهنجي سرڪشيءَ ۾ ضد ڪري وڌندا رهندا ۽ گمراهيءَ ۾ ڀٽڪندا رهندا.

وَ لَقَدْ أَخَذْنَاهُم بِالْعَذَابِ فَمَا اسْتَكَانُوا لِرَبِّهِمْ وَ مَا يَتَضَرَّعُونَ ﴿٧٦﴾

(٧٦) ۽ (ڏسو) اسان هنن کي عذاب ۾ مبتلا بہ ڪيو، تنهن هوندي بہ هو پنهنجي پروردگار جي اڳيان نہ جهڪيا، نڪي نياز ۽ عاجزي ڪيائون.

حَتَّىٰ إِذَا فَتَحْنَا عَلَيْهِم بَابًا ذَا عَذَابٍ شَدِيدٍ إِذَا هُمْ فِيهِ مُبْلِسُونَ ﴿٧٧﴾ ع

(٧٧) پوءِ جڏهن معاملو هن حد تائين پهچي ويندو جو اسان هنن تي تمام سخت عذاب جو دروازو کولي ڇڏيون تہ پوءِ ان وقت اوچتو حيران ۽ پريشان ٿي ويندا.

رڪوع 5

**فطرت تي غور ڪرڻ ۽ عقل هلائڻ، هڪ ڪان وڌيڪ خدا هجن ها تہ ڪائنات جو نظام درهم برهم ٿي وڃي ها.**

وَ هُوَ الَّذِي أَنشَأَ لَكُمُ السَّمْعَ وَ الْأَبْصَارَ وَ الْأَفْئِدَةَ ۚ قَلِيلًا مَّا تَشْكُرُونَ ﴿٧٨﴾

(٧٨) ۽ (ڏسو) اهوئي آهي جنهن توهان جي (ٻڌڻ) لاءِ ڪن (ڏسڻ لاءِ) اکين ۽ (سوچڻ سمجهڻ، رحم ڏيکارڻ لاءِ) دليون پيدا ڪيون، پر ورلي ائين ٿئي ٿو جو توهان شڪر بجا آڻيو (۽ انهن کي ڪم آڻي علم، عقل ۽ نيڪ عمليءَ ۾ واڌايون ڪيو).

وَ هُوَ الَّذِي ذَرَأَكُمْ فِي الْأَرْضِ وَ إِلَيْهِ تُحْشَرُونَ ﴿٧٩﴾

(٧٩) ۽ اهوئي آهي جنهن اوهان کي زمين تي هر طرف پکيڙي ڇڏيو آهي. (۽ گذران جا مختلف سامان پيدا ڪري ڏنا آهن) ۽ ۽ وري اهوئي آهي جنهن جي حضور ۾ گڏ ڪري آندا ويندؤ.

وَ هُوَ الَّذِي يُحْيِي وَ يُمِيتُ وَ لَهُ اخْتِلَافُ اللَّيْلِ وَ النَّهَارِ ۚ أَفَلَا تَعْقِلُونَ ﴿٨٠﴾

(٨٠) ۽ اهوئي آهي جو جيئاري ٿو ۽ ماري ٿو. انهيءَ ئي جي ڪارفرمائي آهي جو رات ۽ ڏينهن هڪٻئي پٺيان ايندا رهن ٿا. ڇا توهان عقل نٿا هلايو؟

بَلْ قَالُوا مِثْلَ مَا قَالَ الْأَوَّلُونَ ﴿٨١﴾

(٨١) نہ (عقل کان ڪم نٿا وٺن) هو اهائي ڳالهہ چون ٿا جا اڳيان (منڪر) چئي چڪا آهن.

قَالُوا أَإِذَا مِتْنَا وَ كُنَّا تُرَابًا وَّ عِظَامًا أَإِنَّا لَمَبْعُوثُونَ ﴿٨٢﴾

(٨٢) هو چون ٿا تہ جڏهن اسان مري کپي ويندا سين ۽ مٽي ۽ هڏين جو چورو ٿي ويندا سين تڏهن وري (ٻيهر) اٿاريا ويندا سين ڇا؟

لَقَدْ وُعِدْنَا نَحْنُ وَاٰبَآؤُنَا هٰذَا مِنْ قَبْلُ اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ۝٨٣

(٨٣) اسان سان ۽ اسان کان اڳي اسان جي ابن ڏاڏن سان به اهڙي ئي ڳالهه جو واعدو ٿيندو آيو آهي. اهو ڪجهه به ناهي. اڳين زمانن جا خالي افسانا آهن.

قُلْ لِّمَنِ الْاَرْضُ وَمَنْ فِيْهَآ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ۝٨٤

(٨٤) (اي پيغمبر!) تون انهن (منڪرن) کي چئو ته، جيڪڏهن توهان کي ڪو علم آهي ته ٻڌايو ته زمين ۽ اهي سڀ خلقيل شيون جي ان ۾ آهن ڪنهن جون آهن ۽ ڪنهن جي لاءِ آهن.

سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ ۭ قُلْ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ۝٨٥

(٨٥) هو هڪدم چئي ڏيندا ته الله جي لاءِ آهن، ڪين چئو ته، پوءِ پلا چو نٿا غور ڪيو ۽ سمجهيو؟

قُلْ مَنْ رَّبُّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ۝٨٦

(٨٦) تون ڪانئن پڇ ته اهو ڪير آهي جو ستن ئي آسمانن جو پرورگار آهي ۽ (جهان داري جي) عرش عظيم جي مالڪ آهي؟

سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ ۭ قُلْ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ۝٨٧

(٨٧) هو هڪدم چئي ڏيندا ته، اهو سڀ ڪجهه الله جو ئي آهي، تون چئو ته پوءِ توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو (شرڪ ۽ انڪار جي نتيجن کان) ڊڄوئي نٿا؟

قُلْ مَنْۢ بِيَدِهٖ مَلَكُوْتُ كُلِّ شَيْءٍ وَّهُوَ يُجِيْرُ وَلَا يُجَارُ عَلَيْهِ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ۝٨٨

(٨٨) تون ڪانئن پڇ ته، جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا ته ٻڌايو ته اهو ڪير آهي جنهن جي هٿ ۾ سڀني شين جي بادشاهي آهي؟ ۽ هو سڀني کي پناهه ڏئي ٿو، ۽ ڪو به ڪونهي جو ان کان مٿي پناهه ڏيڻ وارو هجي.

سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ ۭ قُلْ فَاَنّٰى تُسْحَرُوْنَ ۝٨٩

(٨٩) هو هڪدم چئي ڏيندا ته، اهي صفتون ته الله جي لاءِ ئي آهن. تون چئو ته، پوءِ هي ڇا آهي جو توهان جو عقل ئي مارجي ويو آهي.

بَلْ اَتَيْنٰهُمْ بِالْحَقِّ وَاِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ۝٩٠

(٩٠) حقيقت هيءَ آهي ته اسان هنن کي حق ۽ حقيقت ٻڌائي ڇڏي آهي ۽ اهي آهن جيڪي (پنهنجي انڪار ۽ ضد سببان) قطعي ڪوڙا آهن.

مَا اتَّخَذَ اللّٰهُ مِنْ وَّلَدٍ وَّمَا كَانَ مَعَهٗ مِنْ اِلٰهٍ اِذًا لَّذَهَبَ كُلُّ اِلٰهٍۢ بِمَا خَلَقَ وَلَعَلَا بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ۭ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ۝٩١

(٩١) نڪي الله تعاليٰ ڪنهن هستيءَ کي پنهنجو پٽ بنايو آهي، نڪي هن سان گڏ ڪو به ٻيو معبود ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن هجي ها ته پوءِ هرهڪ معبود پنهنجي ئي مخلوق جي فڪر ۾ رهي ها ۽ هرهڪ معبود ٻئي معبود تي چڙهائي ڪري ها. الله جي ذات انهن ڳالهين کان پاڪ آهي، جي ڳالهيون هي ماڻهو سندس باري ۾ بيان ڪن ٿا.

عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ۝٩٢

(٩٢) هو غيب ۽ شهادت جو ڄاڻندڙ آهي، (يعني محسوسات ۽ غير محسوسات سڀ ڄاڻي ٿو) هنن ماڻهن جيڪي شرڪ جون ڳالهيون ٺاهيون آهن تن سيني کان الله تعاليٰ بالا (۽ پاڪ) آهي.

رکوع 6

**برائي کي برائيءَ سان نه، پر سهڻائي ۽ حڪمت عملي سان دفع ڪريو.**

قُلْ رَّبِّ اِمَّا تُرِيَنِّيْ مَا يُوْعَدُوْنَ ۝٩٣

(٩٣) (اي پيغمبر!) تون چئو ته، اي منهنجا رب! جن ڳالهين جو تو واعدو ڪيو آهي تن جو ظهور جيڪڏهن منهنجي حياتيءَ ۾ ٿيڻو آهي ته،

رَبِّ فَلَا تَجۡعَلۡنِیۡ فِی الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِیۡنَ ﴿۹۴﴾

(٩٤) اي منهنجا رب! مون کي انهيءَ ٽولي ۾ نه رکجانءِ جو ظالم ٽولو آهي.

وَ اِنَّا عَلٰۤی اَنۡ نُّرِیَکَ مَا نَعِدُهُمۡ لَقٰدِرُوۡنَ ﴿۹۵﴾

(٩٥) ۽ اسان (يعني الله تعاليٰ) کي بيشڪ اها قدرت ۽ طاقت آهي جو جن ڳالهين جو هنن ماڻهن سان واعدو ڪيو اٿئون سي ڳالهيون (تنهنجي حياتيءَ ۾ ئي ظاهر ڪري) توکي ڏيکاريون.

اِدۡفَعۡ بِالَّتِیۡ هِیَ اَحۡسَنُ السَّیِّئَةَ ؕ نَحۡنُ اَعۡلَمُ بِمَا یَصِفُوۡنَ ﴿۹۶﴾

(٩٦) (اي پيغمبر!) برائي کي (برائيءَ سان نه پر) اهڙي طرز جي حڪمت عمليءَ سان دفع ڪر جا بهترين طرز هجي (يا معافي ڏيڻ سان يا ڪنهن بئي سهڻي طريقي سان). اسان انهن ڳالهين کان بي خبر نه آهيون جي ڳالهيون هي ماڻهو تنهنجي متعلق چوندا رهن ٿا.

وَ قُلۡ رَّبِّ اَعُوۡذُ بِکَ مِنۡ هَمَزٰتِ الشَّیٰطِیۡنِ ﴿۹۷﴾

(٩٧) ۽ (اسان جي حضور ۾) هيءَ دعا گهر ته اي منهنجا رب! مان شيطاني وسوسن کان تنهنجي دامن ۾ پناهه ٿو وٺان.

وَ اَعُوۡذُ بِکَ رَبِّ اَنۡ یَّحۡضُرُوۡنِ ﴿۹۸﴾

(٩٨) ۽ اي منهنجا رب! مان هن ڳالهه کان به (تنهنجي) پناهه ٿو گهران ته اهي وسوسا مون وٽ اچن (يعني التجا ٿو ڪريان ته وسوسا مون وٽ اچن ئي نه).

حَتّٰۤی اِذَا جَآءَ اَحَدَهُمُ الۡمَوۡتُ قَالَ رَبِّ ارۡجِعُوۡنِ ﴿۹۹﴾

(٩٩) (هنن منڪرن جو حال اهوئي رهندو) تان جو جڏهن هنن مان ڪنهن جي سر تي موت جي گهڙي اچي ويندي، تڏهن چوڻ لڳندو ته اي منهنجا رب! مونکي وري (دنيوي زندگيءَ ۾) موٽاءِ.

لَعَلِّیۡۤ اَعۡمَلُ صَالِحًا فِیۡمَا تَرَکۡتُ کَلَّا ؕ اِنَّهَا کَلِمَةٌ هُوَ قَآئِلُهَا ؕ وَ مِنۡ وَّرَآئِهِمۡ بَرۡزَخٌ اِلٰی یَوۡمِ یُبۡعَثُوۡنَ ﴿۱۰۰﴾

(١٠٠) ته زندگيءَ جا جيڪي موقعا مون ضايع ڪري ڇڏيا (تن جي تلافي ڪري) شايد (هن دفعي) چڱا ڪم ڪيان. (حڪم ٿيندو ته) هرگز نه! اها رڳو چوڻ جي ڳالهه آهي، جا هو چئي رهيو آهي (هاڻي ائين ٿيڻو ئي ناهي) انهن ماڻهن جي (مرڻ) پٺيان هڪ آڙ آهي جا انهيءَ ڏينهن تائين رهندي، جنهن ڏينهن (پيهر) اٿاريا ويندا.

فَاِذَا نُفِخَ فِی الصُّوۡرِ فَلَاۤ اَنۡسَابَ بَیۡنَهُمۡ یَوۡمَئِذٍ وَّ لَا یَتَسَآءَلُوۡنَ ﴿۱۰۱﴾

(١٠١) پوءِ جڏهن اها گهڙي اچي ويندي جڏهن ٺوٺاري وڄائي ويندي، (يعني سيني انسانن کي وري اٿاري گڏ ڪرڻ جو حڪم ٿيندو) تڏهن نڪي انهن ماڻهن جون هڪبئي سان مائٽيون باقي رهنديون نڪي ڪو ڪنهن بئي کان ڪجهه پڇندو. (هرڪو پنهنجي حالت ۾ پريشان رهندو.)

فَمَنۡ ثَقُلَتۡ مَوَازِیۡنُهٗ فَاُولٰٓئِکَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿۱۰۲﴾

(١٠٢) انهيءَ ڏينهن جن ماڻهن (جي نيڪ عملن) جو پڙ ڳورو ٿيندو سي ئي ڪامياب ۽ بامراد رهندا.

وَ مَنۡ خَفَّتۡ مَوَازِیۡنُهٗ فَاُولٰٓئِکَ الَّذِیۡنَ خَسِرُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ فِیۡ جَهَنَّمَ خٰلِدُوۡنَ ﴿۱۰۳﴾

(١٠٣) ۽ جن جو پُڙ هلڪو ٿيندو سي ئي آهن جن پاڻ کي پاڻ بربادي ۾ وڌو آهي. اهي هميشه جهنم ۾ رهڻ وارا آهن.

تَلۡفَحُ وُجُوۡهَهُمُ النَّارُ وَ هُمۡ فِیۡهَا کٰلِحُوۡنَ ﴿۱۰۴﴾

(١٠٤) باهه جا شعلا هنن جي چهرن کي ساڙيندا، ۽ هو ان ۾ منهن بگاڙي پيا هوندا.

أَلَمْ تَكُنْ اٰيٰتِيْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَكُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُوْنَ ﴿١٠٥﴾

(١٠٥) (کين چيو ويندو تہ) ڇا ائين نہ ٿي ڇکو آهي تہ منهنجون آيتون اوهان کي پڙهي ٻڌايون وينديون هيون ۽ اوهان انهن کي ڪوڙيون ڪوٺي رد ڪندا هئو؟

قَالُوْا رَبَّنَا غَلَبَتْ عَلَيْنَا شِقْوَتُنَا وَكُنَّا قَوْمًا ضَآلِّيْنَ ﴿١٠٦﴾

(١٠٦) هو چوندا تہ، اي اسان جا رب! اسان جي بدبختي اسان تي ڇانئجي ويئي، ۽ اسان جو ٽولو گمراهن جو ٽولو هو.

رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا مِنْهَا فَاِنْ عُدْنَا فَاِنَّا ظٰلِمُوْنَ ﴿١٠٧﴾

(١٠٧) اي اسان جا پرورگار! هاڻي اسان کي هن حالت مان ٻاهر ڪڍ. جيڪڏهن اسان وري اهڙي گمراهيءَ ۾ پئون تہ پوءِ بيشڪ اسان نافرمان ظالم هونداسين.

قَالَ اخْسَئُوْا فِيْهَا وَلَا تُكَلِّمُوْنِ ﴿١٠٨﴾

(١٠٨) الله تعاليٰ فرمائيندو تہ، جهنم ۾ پئو، ۽ زبان نہ کوليو.

اِنَّهٗ كَانَ فَرِيْقٌ مِّنْ عِبَادِيْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا وَارْحَمْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿١٠٩﴾

(١٠٩) اسان جي ٻانهن مان هڪ جماعت اهڙي بہ هئي جا چوندي هئي تہ، اي اسان جا رب! اسان ايمان آندو آهي، پوءِ اسان کي بخش، ۽ اسان تي رحم ڪر، تو کان بهتر رحم ڪندڙ ڪوبہ ڪونهي.

فَاتَّخَذْتُمُوْهُمْ سِخْرِيًّا حَتّٰٓى اَنْسَوْكُمْ ذِكْرِيْ وَكُنْتُمْ مِّنْهُمْ تَضْحَكُوْنَ ﴿١١٠﴾

(١١٠) پر توهان هنن کي پنهنجي کل مسخريءَ جو مشغلو بنايو هو، ايتري قدر جو انهيءَ مشغلي جي ڪري توهان مون کي ئي وساري ڇڏيو. توهان انهن ماڻهن جي ڳالهين تي کلون ڪندا هئو.

اِنِّيْ جَزَيْتُهُمُ الْيَوْمَ بِمَا صَبَرُوْٓا اَنَّهُمْ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿١١١﴾

(١١١) اڄ ڏسو اسان انهن (مؤمنن) کي سندن صبر ۽ استقلال جو بدلو ڏنو آهي. اهي ئي آهن جيڪي فيروزمند آهن (۽ دائمي سعادت حاصل ڪئي اٿن.)

قٰلَ كَمْ لَبِثْتُمْ فِي الْاَرْضِ عَدَدَ سِنِيْنَ ﴿١١٢﴾

(١١٢) هنن کان پڇيو ويندو تہ خبر اٿوَ تہ زمين تي ڪيترا سال رهيوَ؟

قَالُوْا لَبِثْنَا يَوْمًا اَوْ بَعْضَ يَوْمٍ فَسْئَلِ الْعَآدِّيْنَ ﴿١١٣﴾

(١١٣) هو چوندا تہ، بس رڳو هڪ ڏينهن يا هڪ ڏينهن جو بہ ڪو حصو رهياسين (اسان پوري وقت جو اندازو ڪري نٿا سگهون) انهن کان پڇو جيڪي ڳڻيندا رهيا آهن.

قٰلَ اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا لَّوْ اَنَّكُمْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١١٤﴾

(١١٤) انهن کي چيو ويندو تہ ها، توهان جي زمين تي رهڻ هن کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ هو تہ تمام ٿورڙي وقت جو رهڻ هو، ڏايو چڱو ٿئي ها جيڪڏهن توهان اها ڳالهہ (اڳي دنيا ۾) ڄاڻو ۽ سمجهو ها.

اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا وَّاَنَّكُمْ اِلَيْنَا لَا تُرْجَعُوْنَ ﴿١١٥﴾

(١١٥) ڇا توهان هن خيال ۾ آهيو تہ اسان توهان کي اجايو پيدا ڪيو آهي، ۽ توهان اسان جي طرف موٽڻا نہ آهيو؟

فَتَعٰلَى اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ

(١١٦) الله تعاليٰ جي حقيقي بادشاهہ آهي سو اهڙو ڪم ڪرڻ کان پاڪ ۽ بلند ۽ بالا آهي (يعني ماڻهن کي اجايو پيدا ڇو ڪندو؟) اهو الله جنهن

| | |
|---|---|
| رَبُّ الۡعَرۡشِ الۡكَرِيۡمِ ﴿١١٦﴾ | جي ذات کان سواءِ ڪوبہ ٻيو معبود ڪونهي، هو جهانداريءَ جي شاندار تخت جو مالڪ آهي. |
| وَمَنۡ يَّدۡعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ۙ لَا بُرۡهَانَ لَهٗ بِهٖ ۙ فَاِنَّمَا حِسَابُهٗ عِنۡدَ رَبِّهٖ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفۡلِحُ الۡكٰفِرُوۡنَ ﴿١١٧﴾ | (١١٧) ۽ جيڪو الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي (هترادو گهڙيل) معبود کي پڪاري ٿو تنهن وٽ ان لاءِ ڪوبہ دليل ڪونهي. سندس پروردگار جي حضور ۾ سندس حساب ٿيڻو آهي، يقيناً ڪفر ڪندڙ ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندا. |
| وَقُلۡ رَّبِّ اغۡفِرۡ وَارۡحَمۡ وَاَنۡتَ خَيۡرُ الرّٰحِمِيۡنَ ﴿١١٨﴾ | (١١٨) ۽ (اي پيغمبر!) تون چئو تہ اي منهنجا رب! تون بخشي ڇڏ، رحم ڪر، تو کان وڌيڪ رحم ڪندڙ ڪوبہ ڪونهي. |

**سورت النور ـ مدني**

| | |
|---|---|
| بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ | شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. |

رڪوع 1

**زانيءَ جي سزا. ڪنهن عورت تي زنا جي تهمت رکڻ متعلق حڪم**

| | |
|---|---|
| سُوۡرَةٌ اَنۡزَلۡنٰهَا وَفَرَضۡنٰهَا وَاَنۡزَلۡنَا فِيۡهَاۤ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ لَّعَلَّكُمۡ تَذَكَّرُوۡنَ ﴿١﴾ | (١) هيءَ هڪ سورت آهي جا اسان نازل ڪئي آهي، ۽ ان ۾ ڏنل حڪم اوهان تي فرض ڪيا ويا آهن، ۽ اسان ان ۾ چٽيون ۽ صاف صاف نشانيون ۽ حڪم نازل ڪيا آهن، انهيءَ لاءِ تہ توهان نصيحت وٺو (۽ انهن تي عمل ڪيو.) |
| اَلزَّانِيَةُ وَالزَّانِيۡ فَاجۡلِدُوۡا كُلَّ وَاحِدٍ مِّنۡهُمَا مِائَةَ جَلۡدَةٍ ۖ وَّلَا تَاۡخُذۡكُمۡ بِهِمَا رَاۡفَةٌ فِيۡ دِيۡنِ اللّٰهِ اِنۡ كُنۡتُمۡ تُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ وَالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ ۚ وَلۡيَشۡهَدۡ عَذَابَهُمَا طَآئِفَةٌ مِّنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٢﴾ | (٢) زنا ڪندڙ عورت ۽ زنا ڪندڙ مرد (ٻنهي مان) هرهڪ کي سؤ سؤ ڦٽڪا هڻو. جيڪڏهن توهان الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان ٿا رکو تہ (ائين ضرور ڪيو) ۽ الله جي دين جي معاملي ۾ انهن ٻنهي سان رعايت هرگز نہ ڪرڻ گهرجي. ۽ ٻنهي جي سزا مسلمانن جي هڪ جماعت (اکين سان) ڏسي (۽ عبرت وٺي). |
| اَلزَّانِيۡ لَا يَنۡكِحُ اِلَّا زَانِيَةً اَوۡ مُشۡرِكَةً ۖ وَّالزَّانِيَةُ لَا يَنۡكِحُهَاۤ اِلَّا زَانٍ اَوۡ مُشۡرِكٌ ۚ وَحُرِّمَ ذٰلِكَ عَلَى الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٣﴾ | (٣) زاني مرد ، زاني عورت يا مشرڪياڻي عورت کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ عورت سان شادي ڪري نٿو سگهي ۽ زاني عورت سان سواءِ زاني يا مشرڪ مرد جي ٻيو ڪوبہ نڪاح ڪري نٿو سگهي. مسلمانن لاءِ ائين ڪرڻ حرام ٺهرايو ويو آهي. (زاني عورت سان نڪاح ناجائز آهي ۽ زاني مرد کي سڱ ڏيڻ بہ ناجائز آهي.) |
| وَالَّذِيۡنَ يَرۡمُوۡنَ الۡمُحۡصَنٰتِ ثُمَّ لَمۡ يَاۡتُوۡا بِاَرۡبَعَةِ شُهَدَآءَ فَاجۡلِدُوۡهُمۡ ثَمٰنِيۡنَ جَلۡدَةً وَّلَا تَقۡبَلُوۡا لَهُمۡ شَهَادَةً اَبَدًا ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡفٰسِقُوۡنَ ﴿٤﴾ | (٤) ۽ انهن ماڻهن کي، جيڪي پاڪدامن عورتن تي (زنا جي) تهمت لڳائين، ۽ وري چار شاهد بہ پيش ڪري نہ سگهن، اسي اسي ڦٽڪا هڻو، ۽ (پوءِ) انهن جي شاهدي ڪڏهن بہ قبول نہ ڪيو. اهي ماڻهو فاسق بدڪار (خدا جا نافرمان) آهن. |

اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَ اَصْلَحُوْا ۚ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٥﴾

(٥) پر اهي ماڻهو جيڪي ان کان پوءِ (يعني ڪوڙي تهمت لڳائڻ کان پوءِ) توبه ڪن ۽ پنهنجا عمل سڌارين ۽ درست ڪن ته پوءِ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

وَ الَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ اَزْوَاجَهُمْ وَ لَمْ يَكُنْ لَّهُمْ شُهَدَآءُ اِلَّاۤ اَنْفُسُهُمْ فَشَهَادَةُ اَحَدِهِمْ اَرْبَعُ شَهٰدٰتٍۭ بِاللّٰهِ ۙ اِنَّهٗ لَمِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٦﴾

(٦) ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي (نڪاح ۾ آيل) زالن تي زنا جي تهمت لڳائين ۽ پاڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه شاهد ڪونه هجين، ته پوءِ هرهڪ جي شاهدي هيءَ آهي ته پهريائين چار ڀيرا خدا جو قسم کڻي چوي ته، بيشڪ مان پنهنجي دعويٰ ۾ سچو آهيان (۽ سچ تو چوان ته منهنجي زال زنا ڪئي آهي.)

وَ الْخَامِسَةُ اَنَّ لَعْنَتَ اللّٰهِ عَلَيْهِ اِنْ كَانَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٧﴾

(٧) ۽ پنجين ڀيري هيئن چوي ته، جيڪڏهن مان ڪوڙ تو ڳالهيان (۽ ڪوڙي تهمت تو رکان) ته مون تي الله جي لعنت هجي.

وَ يَدْرَؤُا عَنْهَا الْعَذَابَ اَنْ تَشْهَدَ اَرْبَعَ شَهٰدٰتٍۭ بِاللّٰهِ ۙ اِنَّهٗ لَمِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٨﴾ وَ الْخَامِسَةَ اَنَّ غَضَبَ اللّٰهِ عَلَيْهَاۤ اِنْ كَانَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٩﴾

(٨۽ ٩) ۽ پر جيڪڏهن (اها) عورت به پهريان چار ڀيرا خدا جو قسم کڻي چوي ته هي شخص (يعني منهنجو مڙس) سراسر ڪوڙو آهي ۽ پنجين ڀيري چوي ته، جيڪڏهن هو سچو آهي ته مون تي الله جو غضب پوي ته پوءِ انهيءَ عورت تان اها شاهدي سزا ٽاري ڇڏيندي.

وَ لَوْ لَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَ رَحْمَتُهٗ وَ اَنَّ اللّٰهَ تَوَّابٌ حَكِيْمٌ ﴿١٠﴾

(١٠) ۽ جيڪڏهن توهان تي الله جو فضل ۽ رحمت نه هجي ها (ته توهان جي گهرن ۾ فساد ۽ بگاڙو ئي بگاڙو هجي ها) بيشڪ الله تعاليٰ رحمت جي موٽ ڪندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

رڪوع 2

**حضرت عائشہ تي ڪوڙي تهمت تي وحي جو اچڻ، تهمت لڳائيندڙ کي بنا ثابتيءَ جي سچو نه سمجهو.**

اِنَّ الَّذِيْنَ جَآءُوْ بِالْاِفْكِ عُصْبَةٌ مِّنْكُمْ ؕ لَا تَحْسَبُوْهُ شَرًّا لَّكُمْ ؕ بَلْ هُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ؕ لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ مَّا اكْتَسَبَ مِنَ الْاِثْمِ ۚ وَ الَّذِيْ تَوَلّٰى كِبْرَهٗ مِنْهُمْ لَهٗ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١١﴾

(١١) جن ماڻهن (حضرت عائشہ صديقہ تي) تهمت لڳائي سي به بيشڪ توهان مان ئي هڪ ٽولي آهن. توهان ان (تهمت واري واقعي) کي پنهنجي لاءِ خراب نه سمجهيو، بلڪ ان ۾ اوهان جي لاءِ چڱائي آهي. انهن مان هرهڪ شخص جنهن (انهيءَ تهمت پکيڙڻ ۾) حصو ورتو تنهن گناه جو ڪم ڪيو ۽ انهن مان جنهن (انهيءَ تهمت لڳائڻ ۽ پکيڙڻ ۾) وڏو حصو ورتو تنهن کي تمام وڏو سخت عذاب ٿيندو.

لَوْ لَاۤ اِذْ سَمِعْتُمُوْهُ ظَنَّ الْمُؤْمِنُوْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتُ بِاَنْفُسِهِمْ خَيْرًا ۙ وَّ قَالُوْا هٰذَاۤ اِفْكٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٢﴾

(١٢) جڏهن توهان اها (تهمت) ٻڌي هئي تڏهن مؤمن مردن ۽ مؤمن زالن پنهنجي دلين ۾ چو نه نيڪ گمان آندو (۽ چو بدگمان ٿي هڪڙي خراب تهمت تي ڪٿي اعتبار ڪيائون ۽ هڪٻئي کي ٻڌايائون) ۽ چو نه هڪدم چئي ڏنائون ته، هيءَ ته چٽي چٽي ڪوڙي تهمت آهي.

لَوْ لَا جَآءُوْ عَلَيْهِ بِاَرْبَعَةِ شُهَدَآءَ ۚ فَاِذْ لَمْ يَاْتُوْا بِالشُّهَدَآءِ فَاُولٰٓئِكَ عِنْدَ اللّٰهِ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ ﴿١٣﴾

(١٣) هنن پنهنجي ڳالھ جي سچائيءَ جي ثابتيءَ لاءِ چو نه چار شاهد آندا. پوءِ جنهن صورت ۾ هو شاهد نه ڏئي سگهيا تنهن صورت ۾ الله تعاليٰ وٽ هو ئي ڪوڙا آهن.

| | |
|---|---|
| وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ لَمَسَّكُمْ فِيْ مَآ اَفَضْتُمْ فِيْهِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١٤﴾ | (١٤) ۽ جيڪڏهن اوهان (مسلمانن) تي الله جو فضل ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ سندس رحمت نہ هجي ها تہ توهان جيڪي (حضرت عائشہ جي تهمت پکيڙڻ ۾) ڪري چڪا آهيو تنهن لاءِ توهان تي سخت عذاب اچي ها. |
| اِذْ تَلَقَّوْنَهٗ بِاَلْسِنَتِكُمْ وَتَقُوْلُوْنَ بِاَفْوَاهِكُمْ مَّا لَيْسَ لَكُمْ بِهٖ عِلْمٌ وَّتَحْسَبُوْنَهٗ هَيِّنًا ۖ وَّهُوَ عِنْدَ اللّٰهِ عَظِيْمٌ ﴿١٥﴾ | (١٥) جڏهن توهان هن ڳالھ متعلق پنهنجي زبان سان چوپچو ڪرڻ لڳؤ ۽ پنهنجي وات مان اهڙيون ڳالهيون ڪڍڻ لڳؤ، جن جي توهان کي خبر بہ ڪانہ هئي، (تڏهن توهان کي شرم اچڻ گهربو هو) پر توهان ان کي معمولي ۽ خسيس ڳالھ سمجهيو هو. پر الله تعاليٰ جي نظر ۾ اها تمام وڏي ڳالھ هئي. |
| وَلَوْلَآ اِذْ سَمِعْتُمُوْهُ قُلْتُمْ مَّا يَكُوْنُ لَنَآ اَنْ نَّتَكَلَّمَ بِهٰذَا ۖ سُبْحٰنَكَ هٰذَا بُهْتَانٌ عَظِيْمٌ ﴿١٦﴾ | (١٦) جڏهن توهان اها (تهمت) ٻڌي هئي تڏهن توهان چو نہ چئي ڏنو تہ اسان جي لاءِ مناسب ناهي تہ اسان اهڙي ڳالھ (رڳو) زبان مان ڪيون. سبحان الله! (پاڪ آهي الله تعاليٰ) هي تہ وڏو بهتان آهي، (اهي لفظ چون نہ توهان چيا). |
| يَعِظُكُمُ اللّٰهُ اَنْ تَعُوْدُوْا لِمِثْلِهٖٓ اَبَدًا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٧﴾ | (١٧) (ڏسو) الله تعالي! اوهان کي نصيحت ٿو ڪري تہ جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو ۽ ايمان اٿوَ تہ وري ڪڏهن بہ ان جهڙي روش ۽ هلت نہ وڃجو. |
| وَيُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿١٨﴾ | (١٨) ۽ الله تعاليٰ اوهان کي پنهنجا حڪم کولي کولي چٽا ڪري ٻڌائي رهيو آهي. ۽ الله تعاليٰ سڀ ڪجھ) ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. |
| اِنَّ الَّذِيْنَ يُحِبُّوْنَ اَنْ تَشِيْعَ الْفَاحِشَةُ فِي الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۙ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۭ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٩﴾ | (١٩) انهن ماڻهن لاءِ جيڪي چاهين ٿا تہ مسلمانن ۾ بي شرمي وڌي ۽ پکڙجي، (تن لاءِ) دنيا توڙي آخرت ۾ دردناڪ عذاب آهي. الله تعاليٰ سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو، پر توهان ڪونہ ٿا ڄاڻو. |
| وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ وَاَنَّ اللّٰهَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٠﴾ | (٢٠) ۽ جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ سندس رحمت نہ هجي ها (تہ توهان کي سخت ۾ سخت سزا ڏني وڃي ها) پر بيشڪ خدا نهايت ئي مهربان ۽ رحم وارو آهي. |

رڪوع 3

**حضرت عائشہ جي واقعي سان تعلق رکندڙ نصيحتون ۽ هدايتون**

| | |
|---|---|
| يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ۭ وَمَنْ يَّتَّبِعْ خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ فَاِنَّهٗ يَاْمُرُ بِالْفَحْشَاۗءِ وَالْمُنْكَرِ ۭ وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ مَا زَكٰى مِنْكُمْ مِّنْ اَحَدٍ اَبَدًا ۙ وَّلٰكِنَّ اللّٰهَ يُزَكِّيْ مَنْ يَّشَاۗءُ ۭ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢١﴾ | (٢١) اي مومنؤ! شيطان جي نقش قدم تي نہ هلجو، (يعني سندس عملن جهڙا عمل نہ ڪجو) ۽ جيڪو بہ شيطان جي نقش قدم تي هلندو سو تہ ضرور فاحش ڪم ۽ گناهہ ڪرڻ جو ئي حڪم ڏيندو، ۽ جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ سندس رحمت نہ هجي ها تہ توهان مان هڪ بہ (انهيءَ گناهہ کان) پاڪ نہ هجي ها، پر خدا جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي (سندس دل جو حال ڄاڻي سندس توبهہ قبول ڪري) پاڪ ڪري ٿو ۽ الله تعاليٰ سڀ ڪجھ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. |

وَلَا يَأْتَلِ أُولُوا الْفَضْلِ مِنْكُمْ وَالسَّعَةِ أَنْ يُؤْتُوا أُولِي الْقُرْبَىٰ وَالْمَسَاكِينَ وَالْمُهَاجِرِينَ فِي سَبِيلِ اللَّهِ ۖ وَلْيَعْفُوا وَلْيَصْفَحُوا ۗ أَلَا تُحِبُّونَ أَنْ يَغْفِرَ اللَّهُ لَكُمْ ۗ وَاللَّهُ غَفُورٌ رَحِيمٌ ﴿٢٢﴾

(٢٢) ۽ اوهان مان جيڪي فضل ۽ وسعت وارا آهن، تن کي گهرجي ته اهو قسم نه کڻن ته اسان (فلاڻن) مائٽن، مسڪينن ۽ خدا جي راهه ۾ هجرت ڪندڙن کي ڪجهه به نه ڏينداسين. ڪين گهرجي ته (سندس قصور) معاف ڪري ڇڏين ۽ درگذر ڪن. ڇا توهان هي ڳالهه پسند نٿا ڪيو ته خدا اوهان کي بخشي ڇڏي ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

إِنَّ الَّذِينَ يَرْمُونَ الْمُحْصَنَاتِ الْغَافِلَاتِ الْمُؤْمِنَاتِ لُعِنُوا فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴿٢٣﴾

(٢٣) اهي ماڻهو جيڪي ڪن پاڪدامن معصوم ۽ بيخبر مؤمنياڻين تي تهمت لڳائين ٿا تن تي دنيا توڙي اخرت ۾ لعنت پوندي ۽ انهن کي سخت عذاب ٿيندو.

يَوْمَ تَشْهَدُ عَلَيْهِمْ أَلْسِنَتُهُمْ وَأَيْدِيهِمْ وَأَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿٢٤﴾

(٢٤) انهيءَ ڏينهن سندن زبانون، سندن هٿ ۽ سندن پير به انهن جي خلاف شاهدي ڏيندا ته هنن ڪهڙا ڪهڙا عمل ڪيا هئا.

يَوْمَئِذٍ يُوَفِّيهِمُ اللَّهُ دِينَهُمُ الْحَقَّ وَيَعْلَمُونَ أَنَّ اللَّهَ هُوَ الْحَقُّ الْمُبِينُ ﴿٢٥﴾

(٢٥) انهيءَ ڏينهن الله تعاليٰ هنن کي پورو پورو ۽ حق ۽ انصاف وارو بدلو ڏيندو. ۽ هنن کي معلوم ٿي ويندو ته بيشڪ الله ئي آهي جو سچو آهي، ۽ هرهڪ ڳالهه کي ظاهر ڪندڙ آهي.

الْخَبِيثَاتُ لِلْخَبِيثِينَ وَالْخَبِيثُونَ لِلْخَبِيثَاتِ ۖ وَالطَّيِّبَاتُ لِلطَّيِّبِينَ وَالطَّيِّبُونَ لِلطَّيِّبَاتِ ۚ أُولَٰئِكَ مُبَرَّءُونَ مِمَّا يَقُولُونَ ۖ لَهُمْ مَغْفِرَةٌ وَرِزْقٌ كَرِيمٌ ﴿٢٦﴾

(٢٦) گنديون عورتون گندن مردن لاءِ آهن ۽ گندا مرد گندين عورتن لاءِ آهن ۽ پاڪ عورتون پاڪ مردن لاءِ ۽ پاڪ مرد پاڪ عورتن لاءِ آهن. اهي ماڻهو (يعني پاڪ مرد ۽ پاڪ عورتون) انهن (شريرن) جي ڳالهين کان بلڪل اجا آهن، (يعني هو انهن تهمتن کان پاڪ آهن ۽ انهن جي تهمتن جي ڪري هنن کي ڪو نقصان ڪونه رسندو) انهن جي لاءِ خدا جي بخشش ۽ عزت جي روزي آهي.

رڪوع 4

**بنا اجازت پرائي گهر ۾ گهڙڻ کان منع. ڏاريا مرد ۽ عورتون اکيون هيٺ رکن**

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تَدْخُلُوا بُيُوتًا غَيْرَ بُيُوتِكُمْ حَتَّىٰ تَسْتَأْنِسُوا وَتُسَلِّمُوا عَلَىٰ أَهْلِهَا ۚ ذَٰلِكُمْ خَيْرٌ لَكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُونَ ﴿٢٧﴾

(٢٧) اي مومنؤ! پنهنجي گهرن کان سواءِ ٻين جي گهرن ۾ بنا اجازت جي ۽ بنا السلام عليڪم چوڻ جي نه گهڙو. ائين ڪرڻ (يعني سلام ورائڻ ۽ اجازت گهرڻ) توهان جي لاءِ ئي تمام چڱو آهي، عجب ناهي ۽ ممڪن آهي ته توهان (ان حڪم جي بجا آوري ڪرڻ سان) هدايت واري واٽ وٺندؤ (۽ خراب خيالن کان بچندؤ).

فَإِنْ لَمْ تَجِدُوا فِيهَا أَحَدًا فَلَا تَدْخُلُوهَا حَتَّىٰ يُؤْذَنَ لَكُمْ ۖ وَإِنْ قِيلَ لَكُمُ ارْجِعُوا فَارْجِعُوا ۖ هُوَ أَزْكَىٰ لَكُمْ ۚ وَاللَّهُ بِمَا تَعْمَلُونَ عَلِيمٌ ﴿٢٨﴾

(٢٨) جيڪڏهن سمجهو ته گهر ۾ ڪوبه ڪونهي ته به جيستائين اجازت نه ملي تيستائين گهر ۾ اندر نه وڃو. ۽ جيڪڏهن توهان کي چيو وڃي ته، موٽي وڃو ته (بلڪل رنج نه ٿيو، خوشيءَ سان) واپس هليا وڃو. اها ڳالهه توهان جي ئي لاءِ بهتر آهي. ۽ (ياد رکو ته) جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا سڀ خدا کي خبر آهي.

لَيۡسَ عَلَيۡكُمۡ جُنَاحٌ اَنۡ تَدۡخُلُوۡا بُيُوۡتًا غَيۡرَ مَسۡكُوۡنَةٍ فِيۡهَا مَتَاعٌ لَّكُمۡ ؕ وَاللّٰهُ يَعۡلَمُ مَا تُبۡدُوۡنَ وَمَا تَكۡتُمُوۡنَ ﴿۲۹﴾

(٢٩) (پر) هن ڳالهه ۾ گناه ڪونهي ته اهڙن گهرن ۾ هليا وڃو جن ۾ ماڻهو رهندڙ ڪونه آهن ۽ انهن ۾ توهان جو ڪو مال اسباب آهي (پر ياد رکو ته) الله تعاليٰ سڀ ڪجهه (اوهان جي دل جي حالت به) ڄاڻي ٿو. جيڪي توهان کليو کلايو ظاهر ٿا ڪيو سو به ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي لڪايو ٿا سو به ڄاڻي ٿو.

قُلۡ لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ يَغُضُّوۡا مِنۡ اَبۡصَارِهِمۡ وَ يَحۡفَظُوۡا فُرُوۡجَهُمۡ ؕ ذٰلِكَ اَزۡكٰى لَهُمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيۡرٌۢ بِمَا يَصۡنَعُوۡنَ ﴿۳۰﴾

(٣٠) مؤمن مردن کي چئو ته، هو پنهنجون اکيون (پرائي عورتن جي سامهون اچڻ وقت) هيٺ ڪري ڇڏين ۽ پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪن (يعني اوگهڙ ڍڪين ۽ لڄ ۽ پاڪدامني رکن) اها ڳالهه هنن جي لاءِ پاڪائيءَ واري آهي، (يعني بدخيالن کان پاڪ رکندي. ياد رکو ته) توهان جيڪي به ڪيو ٿا تنهن جي الله تعاليٰ کي پوري پوري خبر پوي ٿي.

وَقُلۡ لِّلۡمُؤۡمِنٰتِ يَغۡضُضۡنَ مِنۡ اَبۡصَارِهِنَّ وَ يَحۡفَظۡنَ فُرُوۡجَهُنَّ وَلَا يُبۡدِيۡنَ زِيۡنَتَهُنَّ اِلَّا مَا ظَهَرَ مِنۡهَا وَلۡيَضۡرِبۡنَ بِخُمُرِهِنَّ عَلٰى جُيُوۡبِهِنَّ ۖ وَلَا يُبۡدِيۡنَ زِيۡنَتَهُنَّ اِلَّا لِبُعُوۡلَتِهِنَّ اَوۡ اٰبَآئِهِنَّ اَوۡ اٰبَآءِ بُعُوۡلَتِهِنَّ اَوۡ اَبۡنَآئِهِنَّ اَوۡ اَبۡنَآءِ بُعُوۡلَتِهِنَّ اَوۡ اِخۡوَانِهِنَّ اَوۡ بَنِىۡۤ اِخۡوَانِهِنَّ اَوۡ بَنِىۡۤ اَخَوٰتِهِنَّ اَوۡ نِسَآئِهِنَّ اَوۡ مَا مَلَكَتۡ اَيۡمَانُهُنَّ اَوِ التّٰبِعِيۡنَ غَيۡرِ اُولِى الۡاِرۡبَةِ مِنَ الرِّجَالِ اَوِ الطِّفۡلِ الَّذِيۡنَ لَمۡ يَظۡهَرُوۡا عَلٰى عَوۡرٰتِ النِّسَآءِ ۖ وَلَا يَضۡرِبۡنَ بِاَرۡجُلِهِنَّ لِيُعۡلَمَ مَا يُخۡفِيۡنَ مِنۡ زِيۡنَتِهِنَّ ؕ وَتُوۡبُوۡۤا اِلَى اللّٰهِ جَمِيۡعًا اَيُّهَ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ لَعَلَّكُمۡ تُفۡلِحُوۡنَ ﴿۳۱﴾

(٣١) ۽ مؤمن عورتن کي به چئو ته، هو به پنهنجون اکيون هيٺ رکن (جڏهن ڪو ڌاريو مرد سامهون ايندڙ هجي) ۽ پنهنجي لڄ ۽ شرم جي حفاظت ڪن ۽ پنهنجي سونهن ۽ هار سينگار (ڌارين جي اڳيان) ظاهر نه ڪن، سواءِ ان جي جيڪي (رواجي طرح) ان مان ٻاهر رهندڙ آهي ۽ هيٺين (ذڪر ڪيل) ماڻهن کان سواءِ ٻين جي اڳيان پنهنجي سونهن ۽ هار سينگار ظاهر نه ڪن: سندن مڙس يا پيءُ، يا سهرو، يا سندن پٽ، يا سندن ڀانهيون، يا اهي خادم جيڪي انهيءَ خواهش کان گذر ڪري چڪا هجن يا اهي ٻار يا ڇوڪر جن کي اڃا عورتن جي پردي جي ڳالهين جي ڪابه خبر ڪانهي، (انهن جي اڳيان عورتون پنهنجي زينت ظاهر ڪن ته گناهه ڪونهي) ۽ عورتن کي گهرجي ته (گهمڻ وقت) پنهنجا پير زمين تي اهڙو زور سان نه هڻن جو هنن جي لڪل زيورن جو چمڪو پڌرو ۾ اچي. ۽ اي مومنؤ! (مکيه ڳالهه هي اٿؤ ته) توهان سڀ خدا ڏي موٽو (ٻيا خيال ڇڏي الله جي حڪمن موجب هلو) ته توهان هر طرح جي بهبودي ۽ بهتري حاصل ڪيو.

وَ اَنۡكِحُوا الۡاَيَامٰى مِنۡكُمۡ وَالصّٰلِحِيۡنَ مِنۡ عِبَادِكُمۡ وَاِمَآئِكُمۡ ؕ اِنۡ يَّكُوۡنُوۡا فُقَرَآءَ يُغۡنِهِمُ اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۳۲﴾

(٣٢) ۽ اوهان ۾ جيڪي به اڻ پرڻيل عورتون هجن، (ڪنواريون توڙي بيوهه توڙي طلاق ڏنل) تن جو نڪاح ڪندا ڪريو ۽ پنهنجي نيڪ ٻانهن ۽ ٻانهين جو به نڪاح ڪندا ڪريو. (يعني انهن سان پرڻجو يا انهن کي پرڻايو) جيڪڏهن اهي مسڪين هونديون ته الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان هنن کي خوشحال ڪري ڇڏيندو ۽ الله تعاليٰ وسعت رکندڙ ۽ سيني کي وسعت ڏيندڙ آهي ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي.

وَلۡيَسۡتَعۡفِفِ الَّذِيۡنَ لَا يَجِدُوۡنَ نِكَاحًا حَتّٰى يُغۡنِيَهُمُ اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ ؕ وَالَّذِيۡنَ يَبۡتَغُوۡنَ الۡكِتٰبَ مِمَّا مَلَكَتۡ اَيۡمَانُكُمۡ

(٣٣) ۽ جن ماڻهن کي نڪاح جي لاءِ طاقت ڪانهي سي پاڻ تي ضابطو رکن (۽ پاڪ دامن رهن) جيستائين ڪ الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان کين آسودو ڪري ۽ جيڪي ٻانها توهان کان دستاويز لکائي وٺڻ چاهين (ته

فَكَاتِبُوْهُمْ اِنْ عَلِمْتُمْ فِيْهِمْ خَيْرًا ۖ وَّ
اٰتُوْهُمْ مِّنْ مَّالِ اللّٰهِ الَّذِيْٓ اٰتٰىكُمْ ۭ وَلَا
تُكْرِهُوْا فَتَيٰتِكُمْ عَلَى الْبِغَاۗءِ اِنْ اَرَدْنَ
تَحَصُّنًا لِّتَبْتَغُوْا عَرَضَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۭ وَمَنْ
يُّكْرِهْهُّنَّ فَاِنَّ اللّٰهَ مِنْۢ بَعْدِ اِكْرَاهِهِنَّ غَفُوْرٌ
رَّحِيْمٌ ﴿٣٣﴾

هيترا پئسا ڪمائي ڪرڻ يا هيترو ڪم ڪرڻ بعد آزادي ملندي) ته انهن ڪي اهڙو دستاويز لکي ڏيو، جيڪڏهن توهان هنن ۾ ڪجھ نيڪي ۽ صلاحيت معلوم ڪيو ۽ جيڪو مال الله تعاليٰ اوهان کي ڏنو آهي، تنهن مان انهن کي به ڪجھ ڏيو ۽ پنهنجي ٻانهين کي دنيوي زندگي جي فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ زنا ڪاري ڪرڻ تي مجبور نه ڪيو، جڏهن ته هو پاڪ دامن رهڻ چاهين ٿيون ۽ جيڪڏهن هنن کي ڪو ماڻهو (ڪتب ڪرڻ لاءِ) مجبور ڪندو ته پوءِ هنن جي مجبوريءَ بيوسيءَ جي ڪري الله تعاليٰ (هنن کي بخشي ڇڏيندو، ڇو ته هو) غفور ۽ رحيم آهي.

وَلَقَدْ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ اٰيٰتٍ مُّبَيِّنٰتٍ وَّمَثَلًا
مِّنَ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِكُمْ وَمَوْعِظَةً
لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٣٤﴾

(٣٤) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان اوهان ڏي چٽا حڪم احڪام ۽ نشانيون موڪليون آهن ۽ انهن ماڻهن جا مثال (ڏنا آهن) جيڪي توهان کان اڳي ٿي گذريا آهن. ۽ (خدا کان) ڊڄندڙن لاءِ نصيحتون نازل ڪيون آهن.

رڪوع 5

**جيڪي الله جي حڪمن تي هلن ٿا، سي حقيقت پسي ٿا وٺن. جيڪي نٿا هلن، سي ڀٽڪن ٿا.**

اَللّٰهُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ مَثَلُ نُوْرِهٖ
كَمِشْكٰوةٍ فِيْهَا مِصْبَاحٌ ۭ اَلْمِصْبَاحُ فِيْ
زُجَاجَةٍ ۭ اَلزُّجَاجَةُ كَاَنَّهَا كَوْكَبٌ دُرِّيٌّ يُّوْقَدُ
مِنْ شَجَرَةٍ مُّبٰرَكَةٍ زَيْتُوْنَةٍ لَّا شَرْقِيَّةٍ وَّلَا
غَرْبِيَّةٍ ۙ يَّكَادُ زَيْتُهَا يُضِيْۗءُ وَلَوْ لَمْ
تَمْسَسْهُ نَارٌ ۭ نُوْرٌ عَلٰي نُوْرٍ ۭ يَهْدِي اللّٰهُ
لِنُوْرِهٖ مَنْ يَّشَاۗءُ ۭ وَيَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ
لِلنَّاسِ ۭ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٣٥﴾

(٣٥) الله تعاليٰ آسمانن جو ۽ زمين جو نور آهي. سندس نور جو مثال ائين آهي جيئن هڪ جارو آهي، جنهن ۾ هڪ بتي رکي آهي ۽ بتي هڪ شيشي (چمني يا گلوب) جي اندر آهي. شيشو اهڙو ته (صاف) آهي جو ڄڻ ته هڪ چمڪندڙ تارو آهي. ان ۾ هڪ برڪت واري وڻ جو تيل ٻاريو وڃي ٿو، يعني زيتون جي وڻ جو جيڪو نڪي اوڀر منهون آهي، (جو شام وقت سج جي روشنيءَ کان محروم هجي) نڪي اولهه منهون آهي (جو صبح جي وقت چوٽيءَ تي آهي) ان جو تيل (اهڙو ته چمڪندڙ آهي جو) ڄڻ ته خودبخود ٻرڻ تي آهي، اگرچه ان کي باھ نه ڇهي (الله تعاليٰ ۽ سندس حقائق ائين آهن جيئن) روشنيءَ مٿان روشني، الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي انهيءَ نور ۾ پهچائي ٿو ۽ ڏسو الله تعاليٰ ماڻهن جي لاءِ (کهڙا نه سهڻا ۽ چٽا) مثال ڏئي ٿو (۽ حقيقتون سمجهائي ٿو) ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ کي هر شيءِ ۽ هر ڳالھ جو علم آهي.

فِيْ بُيُوْتٍ اَذِنَ اللّٰهُ اَنْ تُرْفَعَ وَيُذْكَرَ فِيْهَا
اسْمُهٗ ۙ يُسَبِّحُ لَهٗ فِيْهَا بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ ﴿٣٦﴾

(٣٦) (اها بتي خاص طرح ٻاري وڃي ٿي) انهن (پاڪ) گهرن ۾ جن متعلق الله تعاليٰ حڪم ڏنو آهي ته سندس نالو بلند ڪيو وڃي ۽ جن ۾ سندس ذڪر ڪيو وڃي ۽ جن ۾ ماڻهو صبح شام سندس پاڪائي بيان ڪن ٿا.

رِجَالٌ ۙ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّلَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ
اللّٰهِ وَاِقَامِ الصَّلٰوةِ وَاِيْتَاۗءِ الزَّكٰوةِ ۽ يَخَافُوْنَ
يَوْمًا تَتَقَلَّبُ فِيْهِ الْقُلُوْبُ وَالْاَبْصَارُ ﴿٣٧﴾

(٣٧) اهي ماڻهو اهڙا آهن ڪين واپار ۽ ڏنڌا نڪي خدا جي يادگيريءَ کان غافل ٿا ڪري سگهن، نڪي نماز قائم ڪرڻ ۽ زڪوات ڏيڻ کان غافل ٿا ڪن. اهي انهيءَ ڏينهن کان ڊڄندا رهن ٿا جنهن ڏينهن دليون ۽ اکيون ابتيون ۽ اونڌيون ٿي وينديون.

لِيَجْزِيَهُمُ اللّٰهُ اَحْسَنَ مَا عَمِلُوْا وَيَزِيْدَهُمْ
مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ وَاللّٰهُ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ
حِسَابٍ ﴿۳۸﴾

(٣٨) (سندن سچائي جو نتيجو هي ٿيندو جو) جيڪي ٻه (چڱا) عمل هنن ڪيا آهن تن جو بهترين بدلو الله تعاليٰ کين ڏيندو، ۽ پنهنجي (خاص) فضل سا ڪجهه زياده ٻه عنايت ڪندو ۽ الله تعاليٰ جنهن کي ٻه چاهي ٿو تنهن کي بنا حساب گهڻو رزق عطا ڪري ٿو.

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَعْمَالُهُمْ كَسَرَابٍۢ بِقِيْعَةٍ
يَّحْسَبُهُ الظَّمْاٰنُ مَآءً ؕ حَتّٰٓى اِذَا جَآءَهٗ لَمْ
يَجِدْهُ شَيْـًٔا وَّوَجَدَ اللّٰهَ عِنْدَهٗ فَوَفّٰىهُ
حِسَابَهٗ ؕ وَاللّٰهُ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۳۹﴾

(٣٩) ۽ اهي ماڻهو جن ڪفر جي روش ورتي آهي تن جا عمل انهيءَ رڄ وانگر آهن جا ڪنهن وارياسي بيابان ۾ هوندي آهي. اڃايل ماڻهو ان رڄ کي پاڻي ٿو سمجهي (۽ ان ڏي ڊوڙندو ٿو وڃي) تان جو جڏهن اتي پهچي ٿو تڏهن خبر پويس ٿي ته هتي ته ڪجھ ٻه نہ آهي ۽ هو الاهي قضا کي پاڻ وٽ ٿو ڏسي. سو خدا سندس (بد) عملن جو حساب پوريءَ طرح ڪري انهن جي بدلو ڪيس ڏئي ٿو ۽ (يقين ڄاڻو ته) الله تعاليٰ حساب وٺڻ ۾ بلڪل تکو آهي.

اَوْ كَظُلُمٰتٍ فِيْ بَحْرٍ لُّجِّيٍّ يَّغْشٰىهُ مَوْجٌ مِّنْ
فَوْقِهٖ مَوْجٌ مِّنْ فَوْقِهٖ سَحَابٌ ؕ ظُلُمٰتٌۢ
بَعْضُهَا فَوْقَ بَعْضٍ ؕ اِذَآ اَخْرَجَ يَدَهٗ لَمْ
يَكَدْ يَرٰىهَا ؕ وَمَنْ لَّمْ يَجْعَلِ اللّٰهُ لَهٗ نُوْرًا
فَمَا لَهٗ مِنْ نُّوْرٍ ﴿۴۰﴾ ع

(٤٠) يا اهي (ڀليل بدڪار ماڻهو) گويا هڪ تمام اونهي سمنڊ جي اونده ۾ آهن، جنهن تي لهرن مٿان لهرون ڇانئجي ويون آهن ۽ انهن جي مٿان وري ڪڪر آهن، يعني اونده مٿان اونده جا طبقا چڙهيل آهن. (ايتري قدر جو) جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍي ته ان کي ٻه ڏسي نہ سگهي. (هيءَ حقيقت آهي ته) جنهن کي خدا (سندس جهل ۽ خود غرضيءَ سبب) روشني نہ عطا ڪري تنهن جي لاءِ ڪاٻه روشني آهي ئي ڪانه. (٦٦٣)

## رکوع 6

**دنيا جون سڀ شيون ۽ سڀ ساهوارا خدا جو شان ڳائي رهيا آهن.**

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُسَبِّحُ لَهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَ
الْاَرْضِ وَالطَّيْرُ صٰٓفّٰتٍ ؕ كُلٌّ قَدْ عَلِمَ صَلَاتَهٗ وَ
تَسْبِيْحَهٗ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَفْعَلُوْنَ ﴿۴۱﴾

(٤١) توهان ڏسو نٿا ته جيڪي ٻه آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي ٻه زمين تي آهن سي سڀ الله تعاليٰ جو شان ۽ پاڪائي بيان ڪندا رهن ٿا ۽ پر کولي اڏامندڙ پکي ٻه (سندس شان ۽ پاڪائي بيان ڪندا رهن ٿا.) هرهڪ ڄاڻي ٿو ته ڪيئن خدا جي عبادت ڪجي ۽ ڪيئن سندس شان ۽ پاڪائي بيان ڪجي ۽ جيڪي جيڪي هو ڪن ٿا سو الله تعاليٰ خوب ڄاڻي ٿو.

وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَاِلَى اللّٰهِ
الْمَصِيْرُ ﴿۴۲﴾

(٤٢) ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي فقط الله جي آهي. (ٻيو ڪو ٻه بادشاهه ڪونهي) ۽ الله جي ئي طرف موٽي وڃڻو آهي.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُزْجِيْ سَحَابًا ثُمَّ يُؤَلِّفُ بَيْنَهٗ
ثُمَّ يَجْعَلُهٗ رُكَامًا فَتَرَى الْوَدْقَ يَخْرُجُ مِنْ
خِلٰلِهٖ ۚ وَيُنَزِّلُ مِنَ السَّمَآءِ مِنْ جِبَالٍ فِيْهَا مِنْۢ

(٤٣) توهان ڏسو نٿا ڇا ته الله ئي ڪڪرن کي (هيڏي هوڏي) هلائي ٿو؟ وري انهن کي پاڻ ۾ ملائي گڏي ٿو ڇڏي. وري انهن کي هڪ ٻئي مٿان تهه ڪري رکي ٿو، پوءِ توهان ڏسو ٿا ته ان (جُهڙ) مان پاڻي نڪري وسڻ لڳي ٿو. ۽ ڪڪرن جي جبل جيڏن حصن مان ڳڙا وسائي ٿو. اهي ڳڙا

بَرَدٍ فَيُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ وَيَصْرِفُهٗ عَنْ مَّنْ يَّشَآءُ ۭ يَكَادُ سَنَا بَرْقِهٖ يَذْهَبُ بِالْاَبْصَارِ ۝٤٣

جن تي وٺيس ٿو تن تي وسائي ٿو ۽ جن کان چاهي ٿو تن کان هٽائي پري ڪري ٿو ڇڏي. (ڏسو) ڪنوڻ جو چمڪو (ڪڙڪو نہ تيز) آهي جو گويا اکين کي انڌو ڪري ٿو ڇڏي.

يُقَلِّبُ اللّٰهُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّاُولِي الْاَبْصَارِ ۝٤٤

(٤٤) اهو الله ئي آهي جو رات ۽ ڏينهن کي هڪبئي پٺيان آڻيندو رهي ٿو. ان ڳالهہ ۾ اکين وارن لاءِ يعني عقل ۽ سمجهہ وارن لاءِ بيشڪ وڏي عبرت آهي.

وَاللّٰهُ خَلَقَ كُلَّ دَاۗبَّةٍ مِّنْ مَّاۗءٍ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ يَّمْشِيْ عَلٰي بَطْنِهٖ ۚ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّمْشِيْ عَلٰي رِجْلَيْنِ ۚ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّمْشِيْ عَلٰٓي اَرْبَعٍ ۭ يَخْلُقُ اللّٰهُ مَا يَشَاۗءُ ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝٤٥

(٤٥) ۽ الله تعاليٰ هر هڪ (چرندڙ پرندڙ) جانور کي پاڻيءَ مان پيدا ڪيو آهي. انهن جانورن ۾ ڪي اهڙا آهن، جي پيٽ پر هلن ٿا ۽ ڪي اهڙا آهن جي ٻن پيرن تي هلن ٿا ۽ ڪي وري چئين پيرن تي هلن ٿا. الله تعاليٰ جيڪي بہ چاهي ٿو سو پيدا ڪري ٿو. بيشڪ الله تعاليٰ هر هڪ شيءِ تي قادر آهي (يعني سڀ ڪجهہ پيدا ڪري ٿو سگهي ۽ سڀ ڪنهن کي هلائي چلائي سگهي ٿو ۽ سڀني تي غالب آهي).

لَقَدْ اَنْزَلْنَآ اٰيٰتٍ مُّبَيِّنٰتٍ ۭ وَاللّٰهُ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَاۗءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ۝٤٦

(٤٦) هيءَ حقيقت آهي تہ اسان چٽائي ڪندڙ صاف صاف حڪم نازل ڪيا آهن ۽ الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي سڌي واٽ ڏيکاري ٿو ۽ سڌيءَ واٽ تي هلائي ٿو.

وَيَقُوْلُوْنَ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَبِالرَّسُوْلِ وَاَطَعْنَا ثُمَّ يَتَوَلّٰى فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ ۭ وَمَآ اُولٰۗىِٕكَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ ۝٤٧

(٤٧) (ماڻهو) چون ٿا تہ اسان الله ۽ سندس رسول تي ايمان آندو آهي، ۽ اسان تابعدار ۽ فرمانبردار آهيون، پر ان بعد ڪي (منافقن جون) ٽوليون منهن ڦيرائي ٿيون ڇڏين. (سچ هي آهي تہ اصل کان) انهن ماڻهن ايمان آندو ئي ناهي.

وَاِذَا دُعُوْٓا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ لِيَحْكُمَ بَيْنَهُمْ اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ۝٤٨

(٤٨) ۽ جڏهن هنن کي الله ۽ سندس رسول ڏانهن سڏيو وڃي ٿو، انهيءَ لاءِ تہ هنن جو فيصلو نبيري تڏهن هنن مان هڪڙي ڌر هڪدم ڦري وڃي ٿي (۽ اچي فيصلي ڪرائڻ کان انڪار ڪري ٿي).

وَاِنْ يَّكُنْ لَّهُمُ الْحَقُّ يَاْتُوْٓا اِلَيْهِ مُذْعِنِيْنَ ۝٤٩

(٤٩) پر جيڪڏهن هنن کي (فيصلي ۾) حق ملندو هجي (يعني جيڪڏهن هو حق تي آهن ۽ هنن کي انصاف جي فيصلي ۾ فائدو ملڻو آهي) تہ هو (خوشيءَ سان) الله جي رسول ڏي اطاعت ۽ تابعداري ڏيکاري هليا اچن ٿا. (پر جيڪڏهن هو حق تي ناهن ۽ سمجهن ٿا تہ انصاف جي فيصلي ۾ سندن نقصان آهي تہ پوءِ نٿا اچن).

اَفِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ اَمِ ارْتَابُوْٓا اَمْ يَخَافُوْنَ اَنْ يَّحِيْفَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَرَسُوْلُهٗ ۭ بَلْ اُولٰۗىِٕكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ۝٥٠

(٥٠) هنن جي دلين ۾ مرض آهي ڇا؟ يا هو شڪ شبهي ۾ ڦاٿل آهن ڇا؟ يا هو ڊڄن ٿا ڇا تہ الله ۽ سندس رسول مٿن ظلم ڪندا؟ نہ نہ (اهي ڳالهيون ناهن) پر هو پاڻ ظالم آهن.

## رکوع 7

**مومنن جون صفتون ۽ انهن جا نتيجا، ڪافرن ۽ منافقن جون چالبازيون ۽ انهن جا برا نتيجا.**

إِنَّمَا كَانَ قَوْلَ الْمُؤْمِنِينَ إِذَا دُعُوا إِلَى اللَّهِ وَرَسُولِهِ لِيَحْكُمَ بَيْنَهُمْ أَن يَقُولُوا سَمِعْنَا وَأَطَعْنَا ۚ وَأُولَٰئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ ﴿٥١﴾

(٥١) (مٿي بيان ڪيل ڪافرن جي ابتڙ) جڏهن مؤمنن کي الله ۽ سندس رسول ڏانهن سڏيو وڃي ٿو انهيءَ لاءِ ته انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪيو وڃي تڏهن هنن جو قول اهوئي هوندو آهي جو بي ڌڙڪ چئي ڏيندا آهن ته اسان (دل و جان سان) ٻڌون ٿا ۽ اسان (پنهنجي عملن ۾) پوري پوري فرمانبرداري ڪيون ٿا، اهڙائي ماڻهو (دنيا ۽ آخرت جي) بهبودي ۽ بهتري ماڻيندا.

وَمَن يُطِعِ اللَّهَ وَرَسُولَهُ وَيَخْشَ اللَّهَ وَيَتَّقْهِ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الْفَائِزُونَ ﴿٥٢﴾

(٥٢) ۽ جيڪو به الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ٿو ڪري ۽ الله (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄي ٿو ۽ (سندس ٻڌايل برن ڪمن کان) پرهيز ڪري ٿو سو اهڙا ماڻهو ئي آهن جيڪي ڪامياب ٿيندا ۽ چڱيون مرادون ماڻيندا.

وَأَقْسَمُوا بِاللَّهِ جَهْدَ أَيْمَانِهِمْ لَئِنْ أَمَرْتَهُمْ لَيَخْرُجُنَّ ۖ قُل لَّا تُقْسِمُوا ۖ طَاعَةٌ مَّعْرُوفَةٌ ۚ إِنَّ اللَّهَ خَبِيرٌ بِمَا تَعْمَلُونَ ﴿٥٣﴾

(٥٣) (اي پيغمبر! هي منافق ماڻهو تو وٽ اچي) الله جا وڏا وڏا سخت قسم کڻي چون ٿا ته جيڪڏهن توهان اسان کي رڳو حڪم ڪيو ته پوءِ اسان ضرور (جهاد لاءِ گهرن مان) نڪري پونداسين. انهن کي چئي ڏي ته (سڪٽا) قسم نه کڻو. (زباني ٺڪاون جي بدران اٽي عملن کي لڳو). سچي فرمانبرداري (عملن سان) سڃاتي وڃي ٿي. (ياد رکو ته الله تعاليٰ اوهان جا عمل ٿو ڏسي) توهان جيڪي به ڪيو ٿا تنهن جي الله تعاليٰ کي بيشڪ سڀ خبر آهي. (توهان جي دلين جو حال به ڪانئس لڪل ناهي).

قُلْ أَطِيعُوا اللَّهَ وَأَطِيعُوا الرَّسُولَ ۖ فَإِن تَوَلَّوْا فَإِنَّمَا عَلَيْهِ مَا حُمِّلَ وَعَلَيْكُم مَّا حُمِّلْتُمْ ۖ وَإِن تُطِيعُوهُ تَهْتَدُوا ۚ وَمَا عَلَى الرَّسُولِ إِلَّا الْبَلَاغُ الْمُبِينُ ﴿٥٤﴾

(٥٤) ۽ (اي پيغمبر! تون) عام اعلان ڪر ته (اي انسانو) الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪيو. توهان جيڪڏهن (ائين ڪرڻ کان) منهن موڙيندؤ ته (توهان جو ئي نقصان آهي) منهنجي ذمي ته رڳو (حڪم پهچائڻ جو) بار آهي ۽ توهان ئي پنهنجي (عملن جي) بار کڻڻ جا ذميوار آهيو ۽ جيڪڏهن توهان منهنجي فرمانبرداري ڪندؤ ته (سچي) هدايت واري واٽ تي هوندؤ (۽ ڪامياب ٿيندؤ). ۽ رسول جي ذمي ته ٻيو ڪجهه به ناهي، سواءِ هن جي ته هو حق جو پيغام چٽيءَ طرح (ماڻهن کي) پهچائي ڏئي.

وَعَدَ اللَّهُ الَّذِينَ آمَنُوا مِنكُمْ وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ لَيَسْتَخْلِفَنَّهُمْ فِي الْأَرْضِ كَمَا اسْتَخْلَفَ الَّذِينَ مِن قَبْلِهِمْ وَلَيُمَكِّنَنَّ

(٥٥) (انسانو! هيءَ ڳالهه ٻڌو ۽ غور ڪيو) اوهان مان جيڪي ماڻهو ايمان آڻين ٿا ۽ نيڪ عمل به ڪن ٿا تن سان الله جو واعدو آهي ته هو ڪين اهڙيءَ طرح دنيا ۾ حڪومت ۽ بادشاهي ڏيندو جهڙيءَ طرح اڳوڻن

لَهُمْ دِيْنَهُمُ الَّذِي ارْتَضٰى لَهُمْ وَ
لَيُبَدِّلَنَّهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ خَوْفِهِمْ اَمْنًا ؕ
يَعْبُدُوْنَنِيْ لَا يُشْرِكُوْنَ بِيْ شَيْـًٔا ؕ وَمَنْ كَفَرَ
بَعْدَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿۵۵﴾

(مؤمنن ۽ صالح عمل ڪندڙن) کي حڪومت ڏني هئائين ۽ جيڪو دين هن سندن لاءِ پسند ڪيو آهي تنهن کي سندن لاءِ پڪي پائي تي بيهاري زور وٺائيندو ۽ (هلندڙ وقت واري) خوف ۽ هراس کان پوءِ هنن (مسلمانن) لاءِ (اڳوڻي حالت) بدلائي امن امان ۽ واري حالت آڻيندو آهي. (مؤمن پوءِ بہ) منهنجي پانهپ ڪندا رهندا، ۽ مون سان ڪنهن بہ شيءِ کي شريڪ نہ ٺهرائيندا. پر جيڪي هن کان پوءِ بہ ڪفر جي واٽ وٺندا سي اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي ليڪو لنگهي بيهندڙ آهن (۽ تباهہ ٿيندا).

وَ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ اَطِيْعُوا
الرَّسُوْلَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿۵۶﴾

(٥٦) ۽ (اي مسلمانو!) نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ادا ڪيو ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪيو تہ توهان تي رحم ڪيو وڃي. (زباني مسلماني ۽ سکڻو ايمان ڪم نہ ايندو).

لَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مُعْجِزِيْنَ فِي
الْاَرْضِ ۚ وَمَاْوٰىهُمُ النَّارُ ؕ وَ لَبِئْسَ
الْمَصِيْرُ ﴿۵۷﴾ ع

(٥٧) ائين متان سمجهو تہ جن ماڻهن ڪفر (۽ ظلم) جي واٽ ورتي آهي، سي ملڪ ۾ (الله تعاليٰ جي واعدي ۽ رٿن کي روڪي ڇڏيندا ۽) غالب پوندا. سندن ٺڪاڻو (آخر دوزخ جي) باهہ آهي جتي هو موٽي ويندا، ۽ اها موٽڻ جي جاءِ کھڙي نہ خراب هوندي.

## رڪوع 8

### گهرن ۾ اچڻ وڃڻ ۽ کائڻ پيئڻ جي تهذيب متعلق خدا جا حُڪم

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِيَسْتَاْذِنْكُمُ الَّذِيْنَ
مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ وَالَّذِيْنَ لَمْ يَبْلُغُوا الْحُلُمَ
مِنْكُمْ ثَلٰثَ مَرّٰتٍ ؕ مِنْ قَبْلِ صَلٰوةِ الْفَجْرِ وَ
حِيْنَ تَضَعُوْنَ ثِيَابَكُمْ مِّنَ الظَّهِيْرَةِ وَمِنْۢ
بَعْدِ صَلٰوةِ الْعِشَآءِ ؕ ثَلٰثُ عَوْرٰتٍ لَّكُمْ ؕ
لَيْسَ عَلَيْكُمْ وَلَا عَلَيْهِمْ جُنَاحٌۢ بَعْدَهُنَّ ؕ
طَوّٰفُوْنَ عَلَيْكُمْ بَعْضُكُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ
كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ
حَكِيْمٌ ﴿۵۸﴾

(٥٨) اي مومنؤ! توهان کي هن ڳالهہ جو خيال رکڻ گهرجي تہ اوهان جا ٻانها (۽) ٻانهيون جيڪي اوهان جي قبضي ۾ آهن (۽ نوڪر ۽ نوڪرياڻيون) ۽ پڻ اهي جيڪي بلوغت جي عمر کي نہ پهتا آهن، (يعني اجا ننڍا آهن) اهي سڀ توهان وٽ اچڻ لاءِ ٽن وقتن تي پهريائين موڪل گهرن: (1) فجر جي نماز کان اڳي (2) منجهند جو جڏهن توهان ڪپڙا لاهي (يا بدلائي) آرام ڪندا آهيو. (3) سومهڻيءَ جي نماز کان پوءِ. اهي ئي (اُهي) وقت آهن (جن ۾) توهان پوريءَ طرح پهريل نہ هوندا آهيو (ٻيا ماڻهو تہ هر وقت موڪل بنا نہ اچن) انهن ٽن وقتن کان سواءِ (انهن ٻانهن نوڪرن ۽ ننڍن جي بنا موڪل اچڻ ۾) نہ اوهان جي لاءِ گناهہ جي ڳالهہ آهي نہ ئي هنن لاءِ، ڇو تہ (ڪم ڪار لاءِ) توهان هڪٻئي ڏانهن اچو وڃو ٿا، (ڏسو) اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ پنهنجا حڪم احڪام کولي کولي بيان ڪري ٿو ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

وَ اِذَا بَلَغَ الْاَطْفَالُ مِنْكُمُ الْحُلُمَ
فَلْيَسْتَاْذِنُوْا كَمَا اسْتَاْذَنَ الَّذِيْنَ مِنْ

(٥٩) ۽ جڏهن توهان جا ٻار (پنهنجا يا پراوا) بلوغت کي پهچن (يعني جوان ٿين) تڏهن گهرجي تہ اهي بہ ساڳيءَ طرح (هر وقت ۽ هر موقعي تي) موڪل گهرن، جهڙيءَ طرح انهن کان اڳيان (يعني وڏا) موڪل

قَبْلِهِمْ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ ؕ وَ
اللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۵۹﴾

گهرندا پئي آيا آهن. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ پنهنجا حڪم احڪام چٽائي سان بيان ڪري ٿو ڇڏي. (۽ وري وري ياد رکو تہ سندس سڀ حڪم مفيد ۽ ضروري آهن، ڇو تہ) الله تعاليٰ سڀ ڪجھ ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

وَالْقَوَاعِدُ مِنَ النِّسَآءِ الّٰتِيْ لَا يَرْجُوْنَ نِكَاحًا
فَلَيْسَ عَلَيْهِنَّ جُنَاحٌ اَنْ يَّضَعْنَ ثِيَابَهُنَّ
غَيْرَ مُتَبَرِّجٰتٍۢ بِزِيْنَةٍ ؕ وَ اَنْ يَّسْتَعْفِفْنَ
خَيْرٌ لَّهُنَّ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۶۰﴾

(٦٠) ۽ وڏيون پوڙهيون عورتون جن کي پرڻجڻ جي ضرورت ئي نہ رهي آهي سي جيڪڏهن پنهنجا (غير ضروري ٻاهريان) ڪپڙا (جيئن چادر ڪنهن وقت) نہ پائين تہ انهن کي گناهہ ڪونهي، بشرطيڪ هو زينت وارين جاين کي ظاهر نہ ڪن، پر جيڪڏهن انهيءَ کان بہ بچن (يعني ٻاهران ڪپڙا بہ پائينديون رهن) تہ الله تعاليٰ سڀ ڪجھ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

لَيْسَ عَلَى الْاَعْمٰى حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْاَعْرَجِ حَرَجٌ
وَّلَا عَلَى الْمَرِيْضِ حَرَجٌ وَّلَا عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ اَنْ
تَاْكُلُوْا مِنْۢ بُيُوْتِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اٰبَآئِكُمْ اَوْ
بُيُوْتِ اُمَّهٰتِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اِخْوَانِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ
اَخَوٰتِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اَعْمَامِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ
عَمّٰتِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ اَخْوَالِكُمْ اَوْ بُيُوْتِ خٰلٰتِكُمْ
اَوْ مَا مَلَكْتُمْ مَّفَاتِحَهٗٓ اَوْ صَدِيْقِكُمْ ؕ لَيْسَ
عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَاْكُلُوْا جَمِيْعًا اَوْ اَشْتَاتًا ؕ
فَاِذَا دَخَلْتُمْ بُيُوْتًا فَسَلِّمُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ
تَحِيَّةً مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُبٰرَكَةً طَيِّبَةً ؕ كَذٰلِكَ
يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۶۱﴾ ع

(٦١) نڪي انڌن لاءِ (هيءَ ڳالھ) ڪا پوٽائي جي ڳالھ آهي، نڪي منڊن يا بيمارن لاءِ، نڪي توهان ٻين لاءِ (ڪا رڪاوٽ آهي) تہ توهان (انڌا منڊا ۽ بيمار) پنهنجي گهرن ۾ يا پنهنجي پيءُ ماءُ جي گهرن ۾ ڪائو پيئو يا پنهنجي ڀائرن جي گهرن ۾ يا ڀينرن جي گهرن ۾ (ڪائو پيئو) يا پنهنجي چاچن جي گهرن ۾ يا ڦڦين جي گهرن ۾ يا مامن جي گهرن ۾ يا ماسين جي گهرن ۾ يا انهن گهرن ۾ جن جون ڪنجيون توهان جي قبضي ۾ هجن يا پنهنجي (نيڪ) دوستن جي گهرن ۾ (بيشڪ ڪائو پيئو). هن ڳالھ ۾ توهان تي ڪو گناهہ ڪونهي تہ گڏجي ويهي ڪائو يا جدا جدا (اڪيلا ويهي) ڪائو، پر (ياد رکو تہ) جڏهن گهرن ۾ گهڙو تڏهن پنهنجن ماڻهن کي پهريائين السلام عليڪم وغيره چوندا ڪيو. (يعني سلامتي ۽ رحمت ۽ برڪت جي دعا ڪندا ڪريو) اهو سلام ڪرڻ (يعني اها دعا ڪرڻ) الله وٽان هڪ برڪت وارو ۽ پاڪ سلام آهي. (ڏسو) اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ توهان جي لاءِ پنهنجا حڪم احڪام کولي کولي ٻڌائي ٿو توهان انهن کي چڱيءَ طرح سمجهو (۽ انهن جي تعميل ڪيو).

رکوع 9

**حضرت جن جي دربار ۾ مسلمانن کي ڪهڙا آداب رکڻ گهرجن؟**

اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ
وَاِذَا كَانُوْا مَعَهٗ عَلٰٓى اَمْرٍ جَامِعٍ لَّمْ
يَذْهَبُوْا حَتّٰى يَسْتَاْذِنُوْهُ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ
يَسْتَاْذِنُوْنَكَ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ
وَ رَسُوْلِهٖ ۚ فَاِذَا اسْتَاْذَنُوْكَ لِبَعْضِ
شَاْنِهِمْ فَاْذَنْ لِّمَنْ شِئْتَ مِنْهُمْ وَ

(٦٢) (سچا) مؤمن فقط اهي آهن جيڪي الله ۽ سندس رسول ۾ (پورو پورو) ايمان ٿا رکن ۽ جڏهن هو ڪنهن اهڙي موقعي تي گڏ ٿيل آهن جنهن تي (قوم سان تعلق رکندڙ) ڪنهن اهم ڪم جو فيصلو ڪرڻو آهي يا ڪو اهڙو ڪم گڏجي ڪرڻو آهي تڏهن اهي سچا مؤمن سندس موڪل وٺڻ کان سواءِ اتي هليا نٿا وڃن. (اي پيغمبر!) جيڪي ماڻهو توکان اجازت گهرن ٿا، سي ئي الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻيندڙ آهن. سو جڏهن هو پنهنجي ڪنهن ڪم لاءِ توکان موڪل گهرن تڏهن

اسْتَغْفِرْ لَهُمُ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٦٢﴾

انهن مان جنهن کي چاهين تنهن کي موڪل ڏي، ۽ الله کان هنن جي لاءِ مغفرت (يعني معافي) جي دعا گهر. بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

لَا تَجْعَلُوْا دُعَآءَ الرَّسُوْلِ بَيْنَكُمْ كَدُعَآءِ بَعْضِكُمْ بَعْضًا ؕ قَدْ يَعْلَمُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ يَتَسَلَّلُوْنَ مِنْكُمْ لِوَاذًا ۚ فَلْيَحْذَرِ الَّذِيْنَ يُخَالِفُوْنَ عَنْ اَمْرِهٖۤ اَنْ تُصِيْبَهُمْ فِتْنَةٌ اَوْ يُصِيْبَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٦٣﴾

(٦٣) توهان رسول (ﷺ) جي سڏ کي اهڙو نه سمجهو جهڙو هڪ ٻئي جي سڏ کي سمجهندا آهيو. (سندس سڏ کي تمام وڏي ۽ ضروري ڳالهه سمجهو ۽ هڪدم حاضر ٿيو). يقيناً الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي ڄاڻي ٿو جيڪي اوهان منجهان اک ونئي ڪسڪي اتي وڃن ٿا. (يا ڪوڙو بهانو ڏئي هليا وڃن ٿا). (ياد رکو ته) جيڪي ماڻهو رسول(ﷺ) جي حڪم جي مخالفت ڪن ٿا تن کي هن ڳالهه کان ڊڄڻ گهرجي ته متان متن ڪا مصيبت اچي وڃي يا کو دردناڪ عذاب اچي متن ڪڙڪي.

اَلَآ اِنَّ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ قَدْ يَعْلَمُ مَآ اَنْتُمْ عَلَيْهِ ؕ وَيَوْمَ يُرْجَعُوْنَ اِلَيْهِ فَيُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٦٤﴾

(٦٤) خبردار! آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي به آهي، سو سڀ الله جي لاءِ آهي. هو خوب ڄاڻي ٿو ته توهان جي روش ۽ توهان جا خيال ۽ خواهشون ڪهڙيون آهن، ۽ جنهن (قيامت جي) ڏينهن توهان موٽي وٽس ويندؤ تنهن ڏينهن هو توهان کي ٻڌائيندو ته توهان (دنيا ۾) ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪندا هئو. ۽ (پڪ ڄاڻو ته) الله تعاليٰ هر شيءِ ۽ هر ڳالهه جو علم رکندڙ آهي.

## سورت الفرقان ـ مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

رکوع 1

### قرآن مجيد حق ۽ باطل جي وچ ۾ سنڌو ڪري ڏيکاري ٿو

تَبٰرَكَ الَّذِيْ نَزَّلَ الْفُرْقَانَ عَلٰى عَبْدِهٖ لِيَكُوْنَ لِلْعٰلَمِيْنَ نَذِيْرَا ﴿١﴾

(١) وڏي برڪت وارو (۽ برڪتون بخشيندڙ) آهي، اهو الله جنهن پنهنجي ٻانهي (حضرت محمد ﷺ) تي حق ۽ باطل ۾ تميز ڪرڻ وارو قرآن مجيد نازل ڪيو، انهيءَ لاءِ ته سيني انسانن کي (باطل ۽ برن ڪمن جي تباهه ڪندڙ نتيجن کان) خبردار ڪري.

الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَّلَمْ يَكُنْ لَّهٗ شَرِيْكٌ فِي الْمُلْكِ وَخَلَقَ كُلَّ شَيْءٍ فَقَدَّرَهٗ تَقْدِيْرًا ﴿٢﴾

(٢) (جنهن قرآن مجيد نازل ڪيو سوئي الله آهي) جو سيني آسمانن ۽ زمين جو بادشاهه آهي. هن پاڻ لاءِ ڪو اولاد ڪونه ٺهرايو آهي، (ڇو ته هونئن ئي سڀ ڪجهه سندس آهي) ۽ سندس بادشاهيءَ ۾ ڪوبه ساڻس شريڪ ڪونهي. هن ئي هر شيءِ کي پيدا ڪيو آهي، ۽ هر شيءِ لاءِ اندازو مقرر ڪري ڇڏيو آهي.

وَاتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖۤ اٰلِهَةً لَّا يَخْلُقُوْنَ شَيْـًٔا وَّهُمْ يُخْلَقُوْنَ وَلَا يَمْلِكُوْنَ لِاَنْفُسِهِمْ

(٣) پر (افسوس ماڻهن جي بي سمجهائيءَ تي جو) هنن الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيا معبود (خدائيون) بنائي رکيا آهن جيڪي ڪابه شيءِ پيدا ڪري نٿا سگهن، بلڪ هو پاڻ (الله جا) پيدا ڪيل آهن. اهي (ڪوڙا معبود) پاڻ

ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا وَّلَا يَمْلِكُوْنَ مَوْتًا وَّلَا حَيٰوةً وَّلَا نُشُوْرًا ۝٣

ڪي ئي نقصان کان بچائي نٿا سگهن، نڪي پاڻ کي ڪو نفعو پهچائي ٿا سگهن. هنن جي قبضي ۾ نڪي آهي موت، نڪي زندگي ۽ نڪي وري جيئرو ٿي اٿڻ.

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اِفْكُ ِۨافْتَرٰىهُ وَاَعَانَهٗ عَلَيْهِ قَوْمٌ اٰخَرُوْنَ ۛ فَقَدْ جَآءُوْ ظُلْمًا وَّزُوْرًا ۝٤

(٤) ۽ ڪافر چون ٿا ته (هيءُ ماڻهو جو چوي ٿو ته مان رسول آهيان ۽ مون تي الله وٽان وحي نازل ٿو ٿئي) اهو سراسر بهتان آهي جو هن پاڻ ناهيو آهي، ۽ ٻين ماڻهن ان (قران جي ناهڻ) ۾ سندس مدد ڪئي آهي. بيشڪ اهي ماڻهو ظلم تا ڪن ۽ ڪوڙ ٿا ڳالهائين. (سمجھ هلائين ته جيڪر بنا دير ايمان آڻين.).

وَقَالُوْٓا اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ اكْتَتَبَهَا فَهِيَ تُمْلٰى عَلَيْهِ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ۝٥

(٥) ۽ اهي (منڪر) چون ٿا ته اهي ڳالهيون (جي هو ٻڌائي ٿو) اڳوڻن ماڻهن جا قصا ۽ ڪهاڻيون آهن جي هن ڪٺي لکايون آهن ۽ جي صبح شام هن کي پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون.

قُلْ اَنْزَلَهُ الَّذِيْ يَعْلَمُ السِّرَّ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ اِنَّهٗ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ۝٦

(٦) (اي پيغمبر! ڪين) چئي ڏي ته. هي (قرآن) انهيءَ (الله) نازل ڪيو آهي جو آسمانن ۽ زمين جي اسرارن کان پوريءَ طرح واقف آهي (ڪنهن به انسان کي ايترو علم ناهي جو قرآن مجيد واريون ڳالهيون ٻڌائي سگهي) بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ وڏي رحم وارو آهي (جو اسان جي هدايت لاءِ فائدي لاءِ اعليٰ نصحتون ٿو ڏئي).

وَقَالُوْا مَالِ هٰذَا الرَّسُوْلِ يَاْكُلُ الطَّعَامَ وَيَمْشِيْ فِي الْاَسْوَاقِ ۭ لَوْلَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مَلَكٌ فَيَكُوْنَ مَعَهٗ نَذِيْرًا ۝٧

(٧) اهي (منڪر) هيئن به ٿا چون ته هيءُ ڪهڙو رسول آهي جيڪو ماني کائي ٿو ۽ رستن تي گهمي ڦري ٿو. ڇو نه هن ڏي ڪو فرشتو موڪليو ويو آهي، جو هن سان گڏجي (ماڻهن کي) خبردار ڪري.

اَوْ يُلْقٰٓى اِلَيْهِ كَنْزٌ اَوْ تَكُوْنُ لَهٗ جَنَّةٌ يَّاْكُلُ مِنْهَا ۭ وَقَالَ الظّٰلِمُوْنَ اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا رَجُلًا مَّسْحُوْرًا ۝٨

(٨) يا ڇو نه هن جي اڳيان خزانو اڇي ٿو پوي. يا ڇو نه هن کي ڪو باغ ٿو ملي، جنهن مان ڪائي پيئي ۽ گذران ڪري ۽ ظالم (وڏيڪ) چون ٿا ته، توهان (مسلمان) اهڙي ماڻهو جي پيروي ڪيو ٿا جنهن تي ڪنهن جادو ڪري ڇڏيو آهي.

اُنْظُرْ كَيْفَ ضَرَبُوْا لَكَ الْاَمْثَالَ فَضَلُّوْا فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ سَبِيْلًا ۝٩

(٩) ڏس (اي پيغمبر!) تنهنجي باري ۾ هي ماڻهو ڪهڙا ڪهڙا مثال بيان ڪري رهيا آهن. سو اهي گمراهه ٿي چڪا آهن، تنهن ڪري هو سچي راهه لهي نه سگهندا.

رڪوع 2

**منڪرن جي سزا، قيامت ۽ قيامت کان پوءِ**

تَبٰرَكَ الَّذِيْٓ اِنْ شَآءَ جَعَلَ لَكَ خَيْرًا مِّنْ ذٰلِكَ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ وَيَجْعَلْ لَّكَ قُصُوْرًا ۝١٠

(١٠) وڏي برڪت وارو (۽ برڪتون ڏيندڙ) آهي، اهو الله جو جيڪڏهن چاهي ته (اي پيغمبر!) انهن کان گهڻو بهتر باغ جن جي هيٺان نهرون وهندڙ هجن (تنهن ڪري دائما سرسبز رهن) سي تنهنجي لاءِ (دنيا ۾ ئي) مهيا ڪري ڏئي، ۽ توکي (شاندار) محلاتون عطا ڪري.

بَلْ كَذَّبُوا بِالسَّاعَةِ ۖ وَأَعْتَدْنَا لِمَنْ كَذَّبَ بِالسَّاعَةِ سَعِيرًا ﴿١١﴾

(١١) ڳالهه هيءَ آهي تہ، هي ماڻهو (فيصلي جي) گهڙيءَ جا منڪر آهن، ۽ (ياد رکو تہ) جيڪو بہ ان گهڙيءَ جو منڪر ٿيندو تنهن جي لاءِ اسان شعلا ڪندڙ باهہ تيار رکي آهي.

إِذَا رَأَتْهُم مِّن مَّكَانٍ بَعِيدٍ سَمِعُوا لَهَا تَغَيُّظًا وَزَفِيرًا ﴿١٢﴾

(١٢) دوزخ جي باهہ جڏهن انهن منڪرن کي پري کان ڏسندي تڏهن اهي ان باهہ جي غصي ۽ ڪاوڙ جا ڦوڪارا ۽ آواز (پري کان) ٻڌندا (۽ سمجهندا تہ اها باهہ اسان کي جلائڻ لاءِ بي تاب بيٺي آهي.).

وَإِذَا أُلْقُوا مِنْهَا مَكَانًا ضَيِّقًا مُّقَرَّنِينَ دَعَوْا هُنَالِكَ ثُبُورًا ﴿١٣﴾

(١٣) ۽ جڏهن انهن منڪرن کي ڪنهن سوڙهي هنڌ زنجيرن سان جڪڙيو ويندو تڏهن هو موت کي سڏيندا (۽ چاهيندا تہ هن ساڙيندڙ باهہ ۾ جلڻ کان بهتر آهي تہ موت اچي وڃي).

لَا تَدْعُوا الْيَوْمَ ثُبُورًا وَاحِدًا وَادْعُوا ثُبُورًا كَثِيرًا ﴿١٤﴾

(١٤) اي منڪرؤ! اڄ هڪڙي موت لاءِ نہ پڪاريو. پر گهڻن موتن کي پڪاريو (توهان انهيءَ عذاب کان ڪڏهن بہ نہ ڇٽندؤ)

قُلْ أَذَٰلِكَ خَيْرٌ أَمْ جَنَّةُ الْخُلْدِ الَّتِي وُعِدَ الْمُتَّقُونَ ۚ كَانَتْ لَهُمْ جَزَاءً وَمَصِيرًا ﴿١٥﴾

(١٥) انهن (منڪرن) کا پڇو تہ، اها توهان جي حالت بهتر آهي يا دائمي جنت بهتر آهي، جنهن جو واعدو نيڪ ۽ پاڪباز ماڻهن کي ڏنل آهي. اها جنت نيڪ ماڻهن لاءِ (سندن نيڪ عملن جو) بدلو ۽ انعام آهي ۽ سندن رهڻ جو مڪان ٿيندو.

لَّهُمْ فِيهَا مَا يَشَاءُونَ خَالِدِينَ ۚ كَانَ عَلَىٰ رَبِّكَ وَعْدًا مَّسْئُولًا ﴿١٦﴾

(١٦) جيڪي بہ اهي (نيڪ ماڻهو) چاهيندا سو کين اتي ملندو. هو هميشہ اتي رهندا. (اي پيغمبر!) تنهنجي پروردگار پاڻ تي اهو واعدو لازمي ٺهرايو آهي (۽ اهو واعدو انهيءَ جي لائق آهي تہ نيڪ ماڻهو ان لاءِ دعا گهرندا رهن.)

وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ وَمَا يَعْبُدُونَ مِن دُونِ اللَّهِ فَيَقُولُ أَأَنتُمْ أَضْلَلْتُمْ عِبَادِي هَٰؤُلَاءِ أَمْ هُمْ ضَلُّوا السَّبِيلَ ﴿١٧﴾

(١٧) ۽ انهيءَ ڏينهن جڏهن الله تعاليٰ انهن کي ۽ جن کي الله کان سواءِ پوڄيندا هئا تن کي هڪ هنڌ آڻي گڏ ڪندو تڏهن انهن کان پڇندو تہ توهان منهنجي هنن بندن کي گمراهہ ڪيو هو يا هو پاڻ رستو ڀلجي گمراهہ ٿي ويا هيا؟

قَالُوا سُبْحَانَكَ مَا كَانَ يَنبَغِي لَنَا أَن نَّتَّخِذَ مِن دُونِكَ مِنْ أَوْلِيَاءَ وَلَٰكِن مَّتَّعْتَهُمْ وَآبَاءَهُمْ حَتَّىٰ نَسُوا الذِّكْرَ وَكَانُوا قَوْمًا بُورًا ﴿١٨﴾

(١٨) اهي (جن جي پوڄا ڪئي ويندي هئي سي) جواب ڏيندا تہ پاڪائي آهي الله جي لاءِ! اسان کي ڪهڙو حق هو جو اسان توکي ڇڏي ٻين کي اولياء (مددگار) بڻايون، پر (حقيقت هيءَ آهي تہ) تو هنن کي ۽ سندن وڏن کي خوشحال (۽ دولت مند) ڪيو تان جو (دولت جي نشي ۾ ۽ عيش عشرتن ۾ گرفتار ٿي) تنهنجي يادگيريءَ کان غافل ٿي ويا (۽ تنهنجي حڪمن ۽ قانون تي نہ هليا) اهي ماڻهو (بيڪار) ۽ تباهہ ٿيڻ جا ئي لائق آهن.

فَقَدْ كَذَّبُوكُمْ بِمَا تَقُولُونَ ۙ فَمَا تَسْتَطِيعُونَ صَرْفًا وَّلَا نَصْرًا ۚ وَمَنْ يَّظْلِمْ مِّنْكُمْ نُذِقْهُ عَذَابًا كَبِيرًا ﴿١٩﴾

(١٩) (الله تعاليٰ تنهن تي مشرڪن کي فرمائيندو تہ ڏسو) توهان جيڪي چئو ٿا تنهن بابت توهان جا معبود چون ٿا تہ اهو ڪوڙ آهي (تہ اسان ڪين گمراهہ ڪيو) سو هاڻي توهان نڪي عذاب کي ٽاري سگهو ٿا، نڪي ڪنهن کان مدد حاصل ڪري سهو ٿا ۽ توهان مان جنهن بہ اهو ظلم ڪيو (جو سڌي واٽ ڇڏي ظلم جي روش اختيار ڪئي) تنهن کي اسان تمام سخت سزا جو مزو چکائينداسين.

وَمَآ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّآ اِنَّهُمْ لَيَاْكُلُوْنَ الطَّعَامَ وَيَمْشُوْنَ فِي الْاَسْوَاقِ ۭ وَجَعَلْنَا بَعْضَكُمْ لِبَعْضٍ فِتْنَةً ۭ اَتَصْبِرُوْنَ ۚ وَكَانَ رَبُّكَ بَصِيْرًا ﴿٢٠﴾

(٢٠) ۽ اسان (اي پيغمبر!) توکان اڳي جيڪي بہ پيغمبر موڪليا هئا سي سڀ (تو وانگر) ماني کائيندا هئا ۽ رستن سان گهمندا ڦرندا هئا ۽ اسان توهان (انسانن) کي هڪ ٻئي جي لاءِ آزمائش بنايو آهي (انهيءَ لاءِ تہ ڏسون) تہ توهان صبر ۽ ثابت قدمي اختيار ڪيو ٿا يا نہ! ۽ (ياد رکو تہ) اوهان جو پروردگار سڀ ڪجهہ ڏسندڙ آهي.